جي تو بيت پانيان

مصنف:

اڪرم حيدري

ڇاپو پهريون مئي 2025ع

ڇپائيندڙ: نول سُندر پبليڪيشن مٺي

ڇپيندڙ:

ٽائپنگ اينڊ ڊزائننگ سروس

معاذ احمد لاڪو

ارپنا

عظيم ڪھاڻيڪار، شاعر، بيمثل اديب فيض محمد
فيض حيدري جي نانءُ

هي ڪتاب، منهنجي دل، دماغ ۽ دعا جي ذات سان،

اُن املھ اديب جي نانءِ وقف آهي،

جنهن منهنجي سوچ کي سُوجهرو،

منهنجي لکت کي صحيح لاڙو،

۽ منهنجي روح کي صحيح رُخ ڏنو.

جي تو بيتَ پانيا، سي آيتُون آهِينِ،

نيو مَنُ لائِينِ، پِرِيان سَندي پارَ ڏي.

جي تو بيت سمجهيا، سي آيتون (روحاني هدايتون) آهن. اُهي من کي وجيو محبوب (ڏٽيءَ) جي طرف لڳائين.

سُرُ سهٽي،

مُرشد لطيف

فهرست

مصنف جو تعارف



نالو:محمد اڪرم

ولد:شمس الدين

پيدائش:3 مارچ 1980

ذات:پنهور

تعليم:ايم اي ،بي ايڊ

پيشو: پرائمري استاد

صنف:نثر،نظم

ادبي پورهيو: فرياد عورت (ڪهاڻيون)۽ ڪليات فيض حيدري جمع و ترتيب ڏنا آهن.

پسنديده اديب: سرتاج شعراء شاھ عبداللطيف ڀٽائي ،ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ۽ فيض حيدري

پنهنجي پاران

جي تو بيت پانيان

هن مختصر ڪتاب ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي چونڊ بيتن جي شرح ڪئي وئي.

هن ۾ اڪثر مضمون هلال پاڪستان ۽ سوپ اخبار ۾ لاءِ لکيا ويا. جيڪي گهڻا پسند ڪيا ويا. پڙهندڙن دوستن جي فرمائش هئي تہ هن کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪري ڪتاب جي شڪل ڏني وڃي. اڄ الحمدلله هي ننڍڙو مضمونن جو مجموعو

اوهان جي هٿن ۾ آهي. آهي بيت، بيان جو بليغ اسلوب آهي: ۽ قرآن، ربّاني ڪلام جي بيمثال زبان. جڏهن بيتن جي باريڪين کي بيداريءَ سان ڏسجي، تڏهن اهو پانئبو آهي تہ ڀٽائي جا بيت فقط شاعراڻو اظهار ناهن، پر باطني بصيرت جو برحق بيان آهن. جيڪڏهن بيتن جي پيچٽي، قرآني اصولن جي پرک سان پرکجي، تہ پڌرو ٿيي ٿو تہ بيتن جي بنياد قرآن آهي، بيتن جي باريڪ رمز رَبّ جي ڪتاب جي روشنيءَ سان روشن آهي.ڀٽائيءَ جي بيتن ۾ بيدارين جا بنياد، بقاءَ جا سبق، برائيءَ کان بچڻ جا بيان، پلائيءَ ڏانهن سڏڻ جا بيشمار حوالا آهن. سندس زبان ۾ زبانِ محبوب جو ذڪر، سندس خيال ۾ خيالِ خدا جي خشعيت،ڀٽائيءَ جو بيت جڏهن پڙجي ٿو تہ محسوس ٿئي ٿو جڻ قرآن جي ڪنهن آيت جو اخلاقي پرتو آهي. سندس بيتن ۾ سماجي سڏارا بہ آهن، صوفيائي سچايون بہ، عشقِ مجازيءَ جي آڙ ۾ عشقِ حقيقيءَ جا اثر بہ.

بيت ۽ برهان، عشق ۽ ايمان، لفظ ۽ لاڙا، علم ۽ عمل، سڀ ڪجهه ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ قرآن جي اصولن سان هم آهَنگ آهن.

قرآن پاڪ، الله جي حڪمتن جو حوالو آهي، تہ بيت ڀٽائيءَ جي فڪر جو فن سان اظهار. قرآن ۾ انسان جي هدايت، تربيت، تزڪيو ۽ روحاني سفر جو ذڪر آهي، تہ ڀٽائيءَ جي بيتن ۾ بہ بندگي، صبر، رضا، هجرت، سچائي، محبت، حق ۽ قرباني جا نقش موجود آهن.

هن ڪتاب ۾ بيت ۽ آيت جو بيان، فڪري ۽ روحاني تعارف هڪبئي جي ترجماني ڪن ٿا. ڀٽائي جي بيتن ۾ جيڪو "محبت" جو پيغام آهي، سوئي قرآن جي "احسان" واري حڪمت سان ملي ٿو. بيت ۽ آيت، ٻئي دل جي دائمي وابستگيءَ جو بيان آهن.هي ڪتاب انهيءَ هم آهنگيءَ جو سچو ثبوت آهي تہ ڀٽائيءَ جا بيت فقط فڪر جو فن ناهن، پر قرآن جي فيضان جا ترجمان بہ آهن.ڀٽائي بيتن جي ذريعي فطرت، انسانيت، قرب، صبر، وفا، هجرت، محبوب جي طلب، ۽ الله جي رضا جو جيڪي خيال پيش ڪري ٿو سي سڀ قرآن ۾ تفصيل سان موجود آهن. ڀٽائيءَ جو انداز فقط شاعراڻو ناهي، بلڪ ان مان روحانيت، معرفت، ۽ ديندارِيءَ جي تعليم صاف ظاهر ٿئي ٿي.صبر، ساڃاهہ، سڪ، سچ، سفر، سگهہ. صوفي سچائيءَ جا ستون.

ميڃتا ، محبت، معنيٰ، معرفت، محبوب، منزل. مومن جي راهہ حق جا نشان نسبت، نظر، نيت، نعمت، نقطو نور.

جي تو بيت پانيان

نبيءَ جي نعت سان نياز.

حق، حضور، حلم، حقيقت، هدايت، هجرت.

حڪمتن جي حوالي سان حياتيءَ جا هيرا.

ڀٽائيءَ جو پورو فڪر، قرآن جي فڪر سان سڌي لاڳاپي ۾ آهي. ڀٽائيءَ جي شاعري دراصل قرآني فلسفي جي شعري تشريح آهي. هن پنهنجي بيتن ذريعي عشقِ الهيءَ، فڪرِ رومي، زبانِ حلاج، ۽ آتتِ انسانيءَ جو اهو ميلاپ پيش ڪيو آهي، جيڪو ماڻهوءَ کي الله سان ڳنڍي ٿو.

آخري طور تي، جيڪڏهن هن ڪتاب ۾ ڏنل بيتن کي دل سان ڪو سمجهي وڃي، ته اُن مان آيتن جو آواز ٻڌڻ شروع ٿي وڃي ٿو. هيءُ آواز صرف شاعريءَ جو نغمو ناهي، پر هدايت جو حوالو آهي. هي بيت، دل جي دروازن تي دستڪ ڏين ٿا، روح جي راهه ۾ روشني ٻڄن ٿا، ۽ انسان کي انسانيت کان بندگيءَ ڏانهن وٺي وڃن ٿا.

ڀٽائي جا بيت، بيشڪ قرآني آيتن جا اثر، اخذ، ۽ ترجمان آهن. "جي تو بيت پانيان"شاهه عبدللطيف ڀٽائي جي بيتن جي شرح آهي جيڪو حقيقتن سان ڀريل فلسفو آهي، جيڪو فڪر، فهم، ۽ فيض جو اهو فطري سلسلو آهي، جيڪو قرآن کان بيت تائين ۽ بيت کان بينظير هدايت تائين وٺي ٿو وڃي.

مقالو: شاهه ۽ قرآن: (تقابلي جائزو)

سورت شعري آيت 224.227 جو خلاصو آهي تہ..

شعر سخن,سوز ۽ ساز انساني احساسن جو هڪ سچو سرور آهي.پر شعر جذهن شعور کان جدا شريعت کان ويڳاڻپ, سچائي کان پري ٿئي تہ اهو فقط لفظن جي لڙيون ,خيالن جو خلا ۽ جذبن جي جهلڪ رهجو وڃي.سورت شعري جي آخري آيتن ۾ قرآن مجيد اهڙن شاعرن جي تصوير ڪشي ڪئي آهي. جيڪي فقط خيالن جا خاڪ نشين, وهمن جا وکوڙيل ۽ لفظن جا مصور آهن.انهن جي شاعري شان کان نہ شڪ کان جنم وٺندي آهي.

شاعري عام طور تي جيڪا ڪئي وڃي ٿي حد کان وڌيڪ مبالغو ڪرڻ,ڪنهن جي حق ۾ وڏاءُ يا ڪمي ڪرڻ,يا رڳو نڪور ۽نواڻ تي مشتمل هوندي آهي.جڏهن ان جو بنياد ئي ڪوڙ تي هوندو آهي.جيئن تہ شاعرن جي اڪثريت اهڙي هوندي آهي, جو هو تعريف ۽ تنقيص ۾ اصول ۽ ضابطن کي ذاتي پسند يا ناپسند کي ترجيح ڏئي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندا آهن.شاعراڻي فڪر سان ڪڏهن هتي ڪڏهن هُتي پيا ڀٽڪندا رهن ٿا.

البتہ اهي شاعر جن جي شاعري سچ ۽ حقيقتن تي ٻڌل آهي.هي اهي شاعر آهن, جن جي شاعري پاڪيزگي جي پرڪ,حقيقت جي حلاوت ۽ فڪر جي فروغ سان ڀرپور آهي.اهي شاعر لفظن جا راهي نہ ,پر فڪر جا فقير ,۽اخلاق جا امام هوندا آهن.سندن شعر,سچ جو سنگيت,حق جو حسن ۽ روشني جو راڳ هوندو آهي.

ايمان,عمل,ادب ۽ اخلاص جي امتزاج سان جنم وٺندڙ شاعري نہ فقط دل کي وڻي ٿي ,پر روح کي روشني عطا ڪري ٿي..اهڙن شاعرن ۾ مولانا رومي,حافظ شيرازي,شاهه عبداللطيف ڀٽائي ,سچل سرمست,علامہ محمد اقبال ,فيض حيدري وغيره جهڙا شاعر اچي وڃن ٿا.اهڙا شاعر ورلي هوندا جن جو ذاتي ڪردار توڙي شاعري ٻنهين ۾ يڪسانيت هجي.اڄ اسان شاهه ۽ قرآن (تقابلي جائزو) عنوان هيٺ تحقيق جي روشني ۾ تفصيل سان روشني وجهنداسين ۽ ڏسنداسين تہ قرآن مجيد ۽ شاهه صاحب جي ڪلام جي مضمون منجهہ ڪيتري قدر موافقت آهي. هونئن تہ شاهه صاحب تي گذريل ڏيڍ صدي کان انيڪ مضمونن جي اُپٽار ٿيل آهي.لڳ ڀڳ شاهه جي شاعري جو اهڙو ڪوبہ گوشو ناهي جنهن تي قلم نہ کنيل هجي.جيتوڻيڪ منهنجو موضوع بہ انوکو ڪونهي جو ان کان اڳ قلم ۽ قرطاس تي نہ آيو هجي. فرق رڳو اهو آهي جو ڪافی ڳالهيون اهڙيون آهن جن تي اڪثر عالم جو ڌيان نہ ويو آهي - شاهه صاحب پنهنجي شاعري کي محض بيت ۾ قرآن مجيد جو ترجمو ڪونہ چيو هوندو. آخر ان جي پويان ڪا حقيقت آهي.ٻيو تہ هي مقالو جودت طبع جو شاهڪار آهي .ٻين مضمون جيان لکيل ناهي پر نمبر وار ٻهرين قرآن مجيد ۽ ان جون آيتون ۽ پوءِ شاهه صاحب جو ان جي موافقت ۾ بيت پيش ڪيو ويو آهي جنهن سان پڑهڻ واري لاءِ هي مضمون آسان ۽ مزي وارو بنجي ويو آهي.هونئن تہ شاهه صاحب کي شاعري ۽ بزرگي ورثي ۾ ملي هئي.مونکي تحقيق ڪندين اهو محسوس ٿيو تہ جڏهن الله تعالي شاهه صاحب کي هتي پيدا ڪري سنڌ واسين مٿان احسان ڪيو آهي .جو تہ هن مقالي ۾ ڪجهہ اهڙيون حقيقتون آهن جيڪي خاص شاهه صاحب سان وابستہ آهن.جن ۾ شاهه صاحب دنيا جي اديب يا شاعرن ۾ اڪيلو ۽ منفرد آهي. مون کي شاهه صاحب جي مطالعي مان ائين معلوم ٿيندو آهي جڏهن شاهه صاحب دين جو داعي ۽ اسلام جو علمبردار ٿي تبليغ ڀيو ڪري.شاهه صاحب جي شاعري ۽ قرآن مجيد جو اسلوب بيان ساڳيو آهي.عام ڪتابن وانگر شروع کان آخر تائين مضمون ترتيبوار ناهي. بس جتي جنهن مضمون جي ضرورت ٿي اتي ان کي بيان ڪري ڇڏيو.

1.جيئن تہ قرآن مجيد ۾ ٽن ڳالهين جو ذڪر تمام گهڻو آهي.توحيد,رسالت,آخرت

جي تو بيت پانيان

شاھ صاحب بہ پنھنجي شاعريءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ توحيد يعني الله جي هيڪڙائي جو ذڪر ڪيو آهي.انڪان پوءِ رسالت مطلب پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم جي ذات صفات جو ذڪر پليءِ پت ڪيو آهي.
انڪان پوءِ سڀ کان وڌيڪ ذڪر آخرت مثلاً قبر,حشر,عملن جو ترڙ,حساب ڪتاب ,پل صراط ۽جنت دوزخ جو ذڪر وڏي خوبي سان پنھنجي شاعريءَ ۾ ڪيو آهي.

2.قرآن مجيد ۾ ٽيھ سيپارا آهن.

شاھ صاحب جي رسالي کي اڪثر قول مطابق ٽيھن سرن ۾ ورهايو ويو آهي.

3.قرآن مجيد جي ابتدا الله پاڪ سورت فاتحہ ۾ پنھنجي حمد ۽ ثنا سان ڪئي آهي.

ساڳي طرح شاھ صاحب رسالي جي ابتدا الله پاڪ جي ثنا ۽ حمد پنھنجي مشھور بيت

اول الله عليم اعلي عالم جو ڌڻي.

قادر پنھنجي قدرت سين قائم آهي قديم.

والي واحد وحده رازق رب رحيم.

سؤ ساراھ سچو ڌڻي چئي حمد حڪيم.

ڪري پاڻ ڪريم جوڙون جوڙ جھان جي

چئي ڪيو آهي.

4.قرآن مجيد ۾ ايمانيات کي بنيادي حيثيت حاصل آهي انھي تي ايمان رکڻ سان ئي ڪامل مسلمان ٿئي ٿو.
انھن ۾ الله تي,فرشتن تي هر سٺي ۽ خراب تقدير تي ايمان ۽ آخرت تي ايمان. شاھ صاحب پنھنجي ڪلام ۾ تقريباً چار هزار قرآني عربي ۽ فارسي الفاظ استعمال ڪري
قرآن فھمي جو ثبوت ڏنو آهي.ايمانيات تي شاھ صاحب تفصيلي بيت چيا آهن.الله تي ايمان آڻڻ مثال. وحده لاشريڪ لہ اي وياءِ جي

ڪتي جي هارائين هنڌ تنھنجو هي.

پاٽان چونڊءِ پي پري جام جنت جو.

فرشتن تي ايمان آڻڻ.

ڪاتب جو لکن سؤ متان ويڻ وسارين.

جھڙي تھڙي ڳالھ کي جوڙيو جمع ڪن.

حرف جي حساب جا چيتيو چٽ رکن.

ڪراما ڪاتبين يعلمون ما تفعلون نالو نورانين.

تو پاڙوسين تن جنھين وين نہ وسري.

تقدير تي ايمان.

لکيو منجھ نراڙ قلم ڪياڙي نہ وهي.

پاڙيو ويني پاڙ جيڪي لالڻ لکيو لوح ۾.

آخرت تي ايمان.

ڪتڻ جي ڪانہ ڪرين ستي ساهين هنڌ.

صباح اينديئي اوچتو عيد اڳهاڙن گڏ.

جتي ساهڙ ڪندين سڏ اتي سڪندين سينگار کي.

جي تو بيت پانيان

5.قرآن مجيد ۾ اسلامي ارڪانن ڪلمون,نماز,روزو,زڪوات ۽ حج کي اساسي مقام حاصل آهي.اهي ارڪان آهن جنهن سان هڪ مسلمان معاشرو وجود وٺي ٿو۽ انکي گهڻ مذهبي معاشري ۾ منفرد حيثيت حاصل ٿئي ٿي.

شاه صاحب هن اهم بنيادي اهميت جي حامل اسلامي رڪنن کي پنهنجي ڪلام ۾ واضح ڪليل لفظن سان اُپٽار ڪئي آهي..

ڪلمو پڙهڻ سان ماڻهو دائري اسلام ۾ داخل ٿئي ٿو

ڪلمي ۾ هڪ مسلمان ان ڳاله جو اقرار ٿو ڪري ته

ڪو به معبود نه آهي سواءِ الله جي ۽ محمد صلي الله عليہ وسلم الله جو رسول آهي.

.شاه صاحب پنهنجي جڳ مشهور بيت ۾ هن طرح چوي ٿو.

جوڙي جوڙ جهان جي جڏهن جوڙيائين.

خاوند خاص خلقي محمد مڪائين.

ڪلمو تنهن ڪريم تي چٽو

چيائين.

انا مولاڪ انت محبوبي انين اتائين.

ڏکي ڏنائين ٻئي سرائون سيد کي.

6.ڪلمي جو اقرار ڪرڻ کان پوءِ نماز ۽ روزو جيڪو هر غريب امير تي بغير فرق جي فرض آهن.

جيئن قرآن مجيد ۾.

اهي ماڻهو جن اڻ ڏٺي تي ايمان آندو ۽ نماز قائم ڪيائون جيڪو اسان ڏنو آه انهن مان خرچ ڪن ٿا.بقره 3

شاه صاحب مسلمان جي لاءِ ڪلمي پڙهڻ سان گڏ دين اسلام جي ڪجه فرضن جي ادائيگي کي ضروري سمجهي ٿو.جنهن فرضن ۾ سڀ کان وڏو فرض نماز جو آهي. ڪلمي پڙهڻ کان پوءِ دين اسلام ۾ نماز پڙهڻ کي وڏو درجو حاصل آهي.اهڙي طرح ان کان پوءِ رمضان مهيني جا روزا آهن.هن بيت ۾ هن سوچ جي نفي ٿئي ٿي .جنهن ۾ شاه صاحب کي رلندڙ ڦرندڙ ۽ نماز روزي جي گهٽي پابندي نه ڪندڙ درويش پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.جڏهن ته شاه صاحب هن بيت ۾ مسلمان ۽ نماز کي لازم ملزوم ثابت ڪيو آهي.شاه جي نظر ۾ ڪلمي گو ڪوٺائيندڙ هجي ۽ نماز کان نٽائيندو هجي اهي ٻئي ڳالهيون گڏ جمع نٿيون ٿي سگهن .جنهن جو حوالو هيٺ بيت ۾ ڏنو آهي.

جي پائين جوڳي ٿيان پر ڪلمي جي پار.

پنجن ساڻ پورو رهه آيا تيه نه تار.

تڏهن ڏاڱا ڏار راه سجاڻين رب جي.

7.زڪوات کي اسلام ۾ نماز روزي کان پوءِ اهم حيثيت حاصل آهي.جيئن ته قرآن مجيد ۾ ذڪر آهي .

جيڪي پنهنجو مال الله جي راه ۾ خرچ ڪندا آهن.ان جو مثال هڪڙي داڻي وانگر آهي .جنهن مان ست ڻاريون نڪرن ۽ هر ڻاري مان سؤ داڻا نڪرن الله جنهن لاءِ چاهي وڌائي ڇڏيندو آهي الله وڏو وسعت وارو علم وارو آهي.

شاه صاحب جڻ آيت جو ترجمو ڪيو آهي.

ڏنو ڪنو نه ٿئي ٿورو ٿئي گهڻو.

سره ۾ چٽو جيئن پيلجي تيئن پلو ٿئي

جي تو بيت پانيان

8.قرآن مجيد ۾ آيتون ٻن قسمن جون آهن هڪ محڪمات(واضح حڪم) ۽ ٻيون متشابهات جن لاءِ وڏيڪ گهرائي ۾ وڃڻ کان روڪيو ويو آهي.

شاھ صاحب جي رسالي ۾ ڪجھ واضح شاعري آهي تہ ڪٿي ڪٿي وري مبهم شاعري آهي مثال: گجر ڪي گجمير جون تارن منجھ تبرون..الخ.دائودي ديون ڪري رکن ڪونهي رنگ.جهڙا بيت پوري طرح نہ سمجهي سگهيا آهيون.عقابيل يا اوقابيل(عقابيل اکين ۾..الخ),لفظن جي معنيَ پوري طرح معلوم ٿي نہ سگهي آهي.

جنهن کي اڄ تائين ڪير سمجهي نہ سگهيو آهي تہ هن بيت ۾ شاھ صاحب ڇا ٿو چوڻ چاهي.

هي شاھ جو شعر متشابهات جو عڪس آهي

عاشق عزازيل ٻيا مڙيئي سڏڙيا.

منجها سڪ سبيل لعنتي لال ٿيو.

9.قران پاڪ جي ڪيترن ئي جاين تي آيتن جي آخر ۾ الله پاڪ پنهنجي لاءِ رحمت,بخشش ۽ فضل جو ذڪر ڪيو آهي.

ساڳيوئي شاھ صاحب بہ اڪثر پنهنجي شعر جي پڇاڙي ۾ بندگي کي سامهون رکندي پنهنجي رب کان فضل جو بخشش جو ۽ خطائن جي معافي جو ذڪر ڪيو آهي.

جيڪي منجھ جهان سو تاري تڳي تنهنجي.

لطف جي لطيف چئي تو وٽ ڪمي ڪان.

عدل ڇنا آئون نہ ڪو ڦيرو ڪج فضل جو.

10.الله تعالي قرآن مجيد ۾ فطرتي شين مثال طور زمين,آسمان,بارش,بادل, هوا,باھ,مڪ,مڇر,پکي پرند,

جيت,جانور اٺ ۽ ڪتو وغيره کي اڳيان رکي مثالن ذريعي انسان ذات جي رهنمائي ڪئي آهي.

ساڳيوئي طريقو شاھ صاحب پنهنجي شاعري ۾ اختيار ڪيو آهي.شاھ صاحب جي شاعري کي پڙهندڙ انهي ڳاله کي چڱي ريت سمجهن ٿا تہ شاھ صاحب پنهنجي شاعري م ڪهڙي نہ خوبصورتي سان فطرتي عڪاسي ڪئي آهي ء انکي پنهنجي شاعري ۾ جا بجاءِ استعمال ڪيو آهي.

ڪٽي نيڻ خمار مان جان ڪيائون نازُ نظر

سورج شاخون جهڪيون ڪوماٽون قمر

تارا ڪتيون تائب ٿيا ديکِيندي دلبر

جهڪو ٿيو جوهر جانب جي جمال سين.

11.قرآن مجيد ۾ گهٽ هنڌن تي قافيہ بندي ٿيل آهي ۽ وري ڪافي جاين تي ناهي بہ ٿيل انهي ڪري قرآن مجيد کي شاعريءَ جو ۽ نہ نثر مڪمل ڪتاب چئي سگهجي ٿو.

شاھ صاحب جيتوڻيڪ شاعر هو ء سندس رسالو شاعري جي انداز وارو آهي پر جن جو مطالعو اونهو آهي انهي کي معلوم هوندو تہ شاھ صاحب پنهنجي ڪلام ۾ قافيہ بندي کان ڪم ورتو آهي تہ ڪٿي وري بالڪل قافيہ بندي کان هٽي ڪري اصل مقصد کي نثري انداز تي ڪرڻ ۾ اڪتفا ڪيو اٿائين.

مثال:آهي گهٽو اگهن جو ترس طبيبن.

ڪيائون وس ويڄن تان,ڪري ري ڪين ٿئي

12.قرآن پاڪ ۾ عربي ۽ انجي الفاظن جو اهڙو تہ موزون ء مؤثر استعمال ٿيل آهي.جو هن ڪان اڳ نہ پوءِ ڪڏهن ڏسڻ ۾ آيو.

جي تو بيت پانيان

شاهه صاحب کي الله پاڪ اهڙي تہ ڏات بخشي جو سنڌي زبان ۾ انجي لفظن کي جنهن جامعيت ,موزونيت ۽ مؤثر طريقي سان استعمال ڪيو آهي اهڙو استعمال نہ پهرين ڪنهن سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيو آهي نہ وري اڃان تائين ٻيو ڪير ان ڪوشش ۾ ڪامياب ٿيو آهي.

13. قرآن مجيد عربي ٻولي ۾ لکيل آهي. عربي تمام فصيح ۽ بليغ زبان آهي. قرآن مجيد ۾ مترادف(هم معنيَ) الفاظن جو استعمال تمام گھڻو ٿيل آهي. مطلب هڪ شيءِ کي گهڻن نالن سان سڏيو ويو آهي پر منجهس باريڪ ۽ لطيف فرق ضرور رکيل آهي.

شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ لڳ ڀڳ پنج هزار نوان لفظ استعمال ڪري سنڌي ٻوليءَ کي فصيح ۽ بليغ زبان بنائي ڇڏيو. شاهه صاحب قرآن مجيد جيان پنهنجي ڪلام ۾ مترادف(هم معنيَ) لفظ جو گھڻو استعمال ڪيو آهي.

جهڙوڪ اٺ لاءِ چانگو, ليڙو

,ميوو, ڪرهو, توڏو, گونرو,

ڏاگهو, مهري, ٻردو وغيره اهڙي طرح ڪتي لاءِ جنبورو

,ڪرائيل,سگ,موتيڙو ۽ ڪلاب نالا استعمال ٿيل آهن. ان کان سواءِ عورت,نفس,اک ۽ گاهه لاءِ ڪيترائي مختلف لفظ استعمال ٿيل آهن. انهن نالن ۾ بيت جي نسبت سان باريڪ فرق بہ رکيو ويو آهي. جنهن سان سندس شاعري ۾ اونهايت ۽ چاشني

وڌيو وڃي ۽ پڙهندڙن لاءِ ٻيڻو مزي جو باعث بڻجو وڃي.

14. قرآن مجيد ۾ ڪافي جاين تي چند لفظن ۾ معنيَ جو سمنڊ ڀاريو ويو آهي اڳيان هلي اهي الفاظ عربي ٻوليءَ جا محاورا (ضرب مثل) بڻجي ويا.

ساڳئي نموني شاهه صاحب جي شاعري ۾ گهڻا بيت اهڙا تہ مشهور ٿي ويا آهن جيڪي اڄ سنڌي ٻوليءَ ۾ محاوري طور استعمال ٿين ٿا. مثلا پلي بک پرم جي شال نہ وڃي شان. وغيره

15. قرآن مجيد جو موضوع انسانيت جي اصلاح ۽ ڀلائي آهي.

ساڳي طرح شاهه صاحب جي شاعري جو اڀياس ڪرڻ سان اها ڳالهه چٽي طرح واضح ٿيو وڃي تہ شاهه صاحب جو مقصد عالم انسانيت ۾ انجي درستگي ڪرڻ آهي.

16. جيئن تہ قرآن مجيد آسان عام فهم عربي زبان ۾ آهي هر پڙهندڙ ٿوري ڪوشش سان ٻا آساني سمجهي سگهي ٿو.

ساڳئي نموني شاهه صاحب پنهنجي شاعري ۾ سليس سنڌي ٻولي استعمال ڪئي آهي. سڀ ڪو ماڻهو آساني سان سمجهي سگهي ٿو.

17. قرآن پاڪ جو معجزو آهي تہ ڪيترا ڀيرا ان کي پڙهجي ان جو مزو ۽ دلچسپي وڌندي ٿي وڃي.

ساڳي طرح قرآن مجيد ۽ حديث مبارڪ کانپوءِ واحد شاهه صاحب جي ڪلام کي اها حيثيت حاصل آهي جو ٽي سؤ سال گذرڻ بعد بہ هر ڀيري پڙهڻ سان نئون لطف پيو حاصل ٿيندو آهي.

18. قرآن مجيد جي زبان ايتري تہ بلند آهي جو ان کي اڳيان رکي عربي گرامر ترتيب ڏني وئي.

بالڪل انهي طرح شاهه صاحب جي ڪلام ۾ لفظن جي پختگي ايتري تہ مٿانهين آهي جو سنڌي ٻوليءَ جي گرامر جا اصول شاهه صاحب جي شاعري اڳيان رکي پوءِ ٺاهيا ويا.

19. قرآن مجيد ۾ گذريل نبين ۽ صالح ٻانهن جا مختصر ۽ چونڊيل قصا بطور تمثيل ۽ هدايت جي ذڪر ٿيل آهن.

جي تو بيت پانيان

شاھ صاحب ٻہ پنھنجي ڪلام ۾ آنڊل سورمين مان ڪنھن جي بہ مڪمل داستان بيان نہ ڪئي آھي.پر بطور نصيحت جي منتخب پھلوئن جو ذڪر ڪيو آھي.

20.جيئن تہ فرمايل آھي تہ قرآن مجيد جا عجائب ۽ منجھس علم ڪڏھن ختم نہ ٿيندا پر قيامت تائين جاري رھندا.

ساڳي طرح شاھ صاحب جي ھر ھڪ شعر ۾ ھدايت جا بي پناھ نڪتا سمايل آھن.جيتوڻيڪ شاھ صاحب تي بھتر ڪم ٿيل آھي پر اجان بي شمار ڪم رھيل آھي.ان ڳالہ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونھي تہ قرآن مجيد الله پاڪ جو ڪلام آھي انجو رتبو بلند آھي جڏھن تہ شاھ صاحب جو ڪلام انسان جو ڪلام آھي.

21.قرآن مجىد کي حضور صلي الله عليہ وسلم پنھنجي حيات مبارڪ ۾ لفظي صورت ۾ ڇڏي ويا بعد ۾ صحابہ درجہ بدرجہ ڪتابي صورت ۾ آندو ويو.

ساڳئي طرح شاھ صاحب بہ

پنھنجي زندگي ۾ پنھنجو ڪلام فقيرن کي ٻڌائيندا ھئا.اھي فقير ان کي ياد ڪري وٺندا ھئا.شاھ صاحب جي وفات کان پوءِ ھڪ تہ فقير ويا ٽڙي پکڙجي .باقي جيڪي فقير ھئا انھن ڪلام جي گم ٿيڻ جي ڊپ کان گڏجي ترتيب ڏنو.

22.جيئن قرآن مجيد جو ترجمو تي نٺو سگھي جھڙو ان جي لفظن جو حق آھي.

اھڙيءَ طرح بلند شاعرن جيان شاھ صاحب جي شاعري جي لفظن جي معنيَ ڪري شعر جو مضمون جو ترجمو تہ ڪري سگھجي ٿو پر شعر جو حق ادا نٿو ڪري سگھجي.

23.قرآن مجيد انسانيت لاءِ اصل روحاني ھدايت جو سامان آھي ٻي درجي ۾ دنياوي فائدو بہ موجود آھي

ساڳي طرح شاھ صاحب جي ڪلام ۾ روحاني رمزون ۽ ھدايت موجود آھي.

جڏھن تہ عام ماڻھن ان کي

مجازي ۽ دنياوي فائدن وارو ڪلام سمجھي ڇڏيو آھي.

24.قرآن مجيد جو پيغام عالمگيري ۽ آفاقي آھي نہ ڪنھن ملڪ,ذات,زبان ۽ قوم لاءِ خاص آھي.

ساڳيوئي شاھ صاحب جي ڪلام جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ شاھ صاحب جو پيغام عالمي آھي.ڪنھن مخصوص علائقي,ذات,زبان ۽ قوم جي قيد کان سندن ڪلام مٿانھون ۽ بالاتر آھي.شاھ

صاحب آفاقي شاعر آھي سڄي دنيا جي لاءِ عام ۽ سنڌ واسين جي خوشحالي ۽ ترقي لاءِ خاص دعاگو آھي.

سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار

دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.شاھ

25.قرآن مجيد کي سريلي ۽ مٺي لھجي ۾ پڙھڻ جي اسلام حوصلا افزائي ڪئي آھي.ان سان گڏ زير زبر شد ۽ مدن جي اھڙي سھڻي بيمڪ بيھاري آھي جو پڙھڻ سان ٻڌڻ وارن تي سحر طاري ٿيو وڃي.

شاھ صاحب چند شاعرن منجھان آھي جنھن جي ڪلام کي ترنم سان پڙھيو وڃي ٿو ۽ ٻڌڻ وارن تي وجداني ڪيفيت طاري ٿيو پوي.

26.جيئن تہ قرآن پاڪ جي ھر آيت پنھنجي ھڪ الگ معنيَ ۽ عبرت رکي ٿي.سڀ آيتون گڏجي ھڪ سورت ٺھي ٿي.سورت وري سڀين آيتن جي تعليم جو ھڪ الگ مفھوم بيان ڪري ٿي.

شاھ صاحب جو ھر ھڪ بيت موتي مثل آھي.جنھن ۾ ھڪ سبق پوشيده آھي. سڀ بيت گڏجي ھار وانگر ھڪ سر مڪمل ٿئي ٿو.جنھن جو مضمون بالڪل نرالو ٿئي ٿو.جيڪو

سڀني بيتن جي سمجھاڻي جي عڪاسي ڪري ٿو.

جي تو بيت پانيان

27.جيئن تہ قرآن مجيد جي پهرين سورت سورة بقره آهي.سورت بقره جڻ قرآن مجيد جو ديباچو index آهي.مطلب تہ هن سورت سڄوريءَ ۾ جملي قرآن مجيد جا مضمون اختصار سان بيان ٿيل آهن.

انهن جي وڌيڪ تفصيل ۽ تشريح ايندڙ سورتن ۾ آهي.

ساڳيوئي طريقو شاھ صاحب بہ پنهنجي رسالي ۾

اختيار ڪيو آهي.رسالي جو پهريون سر سرڪلياڻ آهي.

جنهن جي هر هڪ بيت ۾

مختلف مضمون اختصار سان يڪجاء ڪيا ويا آهن.

جنهن ۾ توحيد,رسالت,آخرت,شرڪ جي نفي,تزڪيو نفس ۽ ان لاء سلوڪ اختيار ڪرڻ,قرباني ڪرڻ,پاڻ کي مٽائي مارڻ,جنتڻ۾ شراب طهورا جي طلب ڪرڻ,جهاد اڪبر ,ڪثرت سان الله جو ذڪر ڪرڻ,تقدير تي راضي رهڻ,

حاڪم اعلي الله جي ذات کي سمجهڻ ,نفس نجس سان جنگ جوتڻ,صبر ء شڪر وغيره

جڏهن تہ ايندڙسرن ۾ انهن مضمونن کي چٽائي ء وضاحت سان بيت جي ذريعي بيان ڪيو ويو آهي.

ڪجه قرآني سورتون اهڙيون آهن جنهن جو گهڻو بيان هڪڙي مضمون ۾ آهي.

جهڙوڪ سورت انفال جنهن

جو موضوع صرف جهاد آهي.

شاھ صاحب بہ جهاد جي موضوع تي قرآن مجيد وانگر يڪو هڪ سر ڪيڏارو آندو آهي.

قرآن مجيد ۾ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم جي شان اقدس ۽ تعريف ۾ سورت احزاب نازل ڪئي آهي.

ساڳي طرح شاھ صاحب سر سارنگ مڪمل پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم جي واکاڻ ۾ چيو آهي.

ان ڪان علاوه شاھ صاحب پنهنجي ڪلام جي تقريباً سيني سرن ۾ قرآني موضوعن کي پنهنجي پنهنجي جاءِ بيان ڪيو آهي

28.نبي صلي الله عليہ وسلم جي مبارڪ زندگي جي آخري ڏينهن ۾ ابن سبا يهودي جي صورت ۾ هڪ فتنو ظاهر ٿيو.ان من گهڙت حديثون ناهيون ۽ قرآن مجيد متعلق مسلمانن جي دلين ۾ شڪوڪ ۽ شبهات پيدا ڪرڻ جي ناپاڪ ڪوشش ڪئي.

بالڪل انهي طرح شاھ صاحب جي زندگي جي آخري ڏينهن ۾ سندن ڪلام سان گڏ ٻين فقيرن جا بيت بہ پڙهيا ويندا هيا.مڪمل نج ڪلام شاھ صاحب جو محفوظ نہ آهي.ڪجه سر ڪيڏاري سچي جا تہ ڪجه اديب وري ڪجه بيتن جا شاھ صاحب جي هجڻ جا انڪاري آهن.ان سر ۾ سندن مريد احسان ۽ ٻين فقيرن جا بيت ملي ويا آهن.

29-هن امت جي هدايت واسطي الله پاڪ پنهنجي ڪلام قرآن مجيد ۾ گذريل شريعتن جي ڪجه حڪمن کي باقي رکيو.جهڙوڪ عيدالضحي جي قرباني,حج جو طواف ۽ رمضان جا روزا جنهن لاءِ الله پاڪ فرمايو آهي تہ.اي ايمان وارؤ توهان تي روزا فرض ڪيا ويا آهن جهڙي طرح توهان کان اڳ وارن تي فرض هئا تہ جيئن توهان پرهيزگار ٿيو.سوره بقره

ساڳئي نموني شاھ عبدللطيف ڀٽائي بہ ماڻهن جي ڀلائي خاطر گذريل باڪمال شاعرن جهڙوڪ قاضي قادن,شاھ ڪريم بلڙي ۽ مولانا رومي جي شاعري جي مضمونن کي جيئن جو تيئن پنهنجي ڪلام جو حصو بنايو آهي.

مثال.بشنو ازني چہ حڪايت مي ڪند.

وز جدائيها شڪايت مين ڪند....رومي

جي تو بيت پانيان

ترجمو: نڙ پيو وڄي تنهنجو آواز پڌ.هو فراق جون دانهون پيو ڪري
ساڳيو مضمون شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ هن طرح ٿو آڻي.

وڍيل ٿي واڪا ڪري ڪنل ٿي ڪوڪاري.
هن پڻ پنهنجا سارِيا هو پڻ هنجون هاري.

پيو مثال

ساير ڏيئي لت اوچي نيچي پوڙئي.
هيڪائي هيڪ ٿيو ويئي سڀ جهت.. قاضي قادن

اهڙي ساڳئي مضمون کي شاهه صاحب سر سهڻي ۾ هن ريت بيان ڪيو آهي.

سهسين سائر پوڙيون منڊ پوڙيو مهراڻ
وهه وڄايو پاڻ هٽي ڪنڊ ڪپن سين-

30.قرآن مجيد اها مقدس ڪلام جيڪو انسان ذات جي هدايت لاءِ نازل ٿيو آهي.نبي سڳوري فرمايو.
خيرڪم من تعلم القرآن و علمہ.ترجمو.توهان منجه پلي ۾ پلو اهو آهي جيڪو قرآن مجيد پڙهي ۽ پڙهائي.
ان کان آخرت ۾ سونو تاج پارايو ويندو. انکي شفاعت جهڙي اعزاز سان نوازيو ويندو.
شاهه صاحب سان جيئن تہ قرآن مجيد ساڻ هوندو هو.
باقاعدي سان تلاوت ڪندو هو.مٿين قولن جي جڙ هوبهو تصديق ٿو ڪري.

سي ٻُوڄارا پر ٿيا سمنڊ سيوبو جن.
آنداڻون عميق مان جوتي جواهرن.
لڌائون لطيف چئي لعلون مان لهرن.
ڪانهي قيمت تن مله مهانگوان جو.

31.شاهه صاحب نبي صلي الله عليہ وسلم جي شان کان چڱي ريت واقف هو.
شاهه صاحب چوي ٿو.

جڪري جهو جوان ڏنو ناهي ڏيهه ۾.
مهڙ مڙني مرسلين سرس سندن شان.
فڪان قاب قوسين او ادني اي ميسر ٿيس مڪان.
اي آگي جو احسان جنهين هادي ميڙيم همڙو.

هن بيت ۾ شاهه صاحب معراج جي واقعي جو وڏي خوبي سان احوال ڏنو آهي.
شاهه صاحب جي چواڻي اهو عروج عظيم صرف اسان جي نبي حاصل ٿيو.سورت اسري جي آيت ۾ ذڪر آيو آهي.
پاڪ آهي اها ذات جنهن پنهنجي بندي کي سير ڪرايو مسجد الحرام کان مسجد اقصي تائين ان وچم اسان برڪتون رکيون آهن.
شاهه صاحب فرمائي ٿو مسجد اقصي ۾ سڀني نبين کي نبي آخري حضرت محمد مصطفي صلي الله عليہ وسلم امامت ڪرائي.
ان کان پوءِ ستن آسمانن کان مٿي ويا عرش تي ملاقات ۾ الله سائين ۽ نبي سڳوري جي ويجهڙائيءَ ايتري قدر ٿي جو ٻن ڪمان کان بہ ويجهو.الله پاڪ فرمائي ٿو.
لقد من الله علي المومنين اذ بعث فيهم رسول منهم.. آل عمران 164.
يقينن الله سائين مؤمنن تي وڏو احسان ڪيو انهن مر انهن منجهان رسول موڪليو.

جي تو بيت پانيان

شاهه صاحب نبي سڳوري جو امت تي نازل ٿيڻ کي الله جو وڏو احسان ٿو مڃي.

32. دين اسلام ۾ ختم نبوت هڪ بنيادي اهميت وارو مسئلو آهي. الله تعالي پاڻ سڳورن کي آخري نبي ڪري موڪليو. سورت احزاب جي آيت 40 ۾ آهي.

ما ڪان محمد ابا احد من الرجال ولاڪن الرسول الله وخاتم النبيين.

محمدصہ توهان مردن مان ڪنهن جوبہ پي ناهي بلڪ هو رسول آهہ ۽ نبين مان آخري نبي آهي.

شاهه صاحب ڪان پوءِ خاص طور تي هن مسئلي وڏو زور پڪڙيو آهي .شاهه صاحب تي رب جون رحمتون هجن جو پنهنجي اندر جي اک سان پروڙي ۽ پنهنجی ڪلام ۾ آندو .شاهه صاحب قرآن مجيد جي مضمون مليل جليل مضمون کي لِڳ پڳ ساڳين لفظن ۾ ٻڌايو آهي-

جڪرو جس ڪرو ٻيا سپ انيرا-

جيائين جڙئو جڪرو تئائين نہ ٻيا.

متي تنهن ماڳا اصل هئي ايتري.

33. مڪي وارن جي اڪثريت پاڻ سڳورن جي نبوت جو انڪار ڪيو. پاڻ سڳورن کي صادق ۽ امين چوڻ باوجود انا پرستي ,قبيلن رواجن ۽ دنيا جي مفادن خاطر انڪار ڪيائون .مخالفت ۾ ايترو اڳيان وڌيا جو نبي صلي الله عليہ وسلم کي قتل ڪرڻ جون سازشون ڪرڻ لڳا.

انهي مخالفت ۾ واحد حضرت ابوبڪر صديق رضہ جنهن نبي کي دل جي اک سان سچاتو. مطلب بنا ڪنهن سوال جي سپ کان پهرين ڪلمو پڙهيو ۽ هر مصيبت پريشاني ۾ نبي سڳوري سان گڏ بيٺو رهيو.

جيئن قرآن مجيد ۾ آهي.

جڏهن هو ٻئي غار ۾ هئا تہ پنهنجي ساٿي کي چئي رهيو هو غم نہ ڪر الله پاڻ سان گڏ آهي. سورت توبہ40

شاهه صاحب ساڳيو مضمون ڪجھ هن طرح پنهنجي ڪلام ۾ آندو آهي.

پليو سپ پنيور جو پٺي هوت نہ هليا.

شهر سچاتو ڪين ڪي آرياڻي اتور.

ماڻيو تنهين مور ڏيکيو جنهن دل سين.

34. پاڻ سڳورن تي ايمان آڻڻ وارا اصحاب سڳورن جي قرآن مجيد ۾ الله پاڪ وڏي واڪي تعريف ڪئي آهي. ڪٿي اولائڪ هم الراشدون,معني اهي سڌي واٽ تي آهن .ڪٿي وري اولائڪ هم الفائزون معنيَ اهي ڪامياب منجهان آهن

شاهه صاحب بہ هن مضمون کي بهترين پيرا ۾ پنهنجي ڪلام ۾ ياد ڪيو آهي. فرمائي ٿو تہ جن صحابن يقين سان ائين چيو هو هڪ آهي سندس ڪو مٽ ناهي ۽ دل ۽ زبان سان حضرت محمد مصطفي صلي الله عليہ وسلم جن جي ڪري سڄي ڪائنات تخليق ٿي. اهي وڏي شان وارا جي سدائين ڏٺي جا فرمانبردار آهن ڪڏهن گمراهہ نہ ٿيا

وحده لاشريڪ لہ جن اتوسين ايمان.

تن مڃيو مُحمّدُ ڪارَڻي قَلبَ ساڻ لسان.

اوءِ فائق ۾ فرمان اوتڙ ڪنهن نہ اولياءَ.

هڪ ٻئي بيت ۾ چوي ٿو.

جوڙ جوڙ جهان جي پاڻ ڪيائين پروار

حامي هادي هاشمي سردارين سردار.

سونهي صحابن سٿ ۾ منجھ مسجد مڻيادار.

جي تو بيت پانيان

چارئي چڱا چوڏار هئا هيڪاندا حبيب سين.

هن بيت ۾ شاهه صاحب الله سائين الله جي رسول جيءِ مڙني صحابن جي ۽ چئن وڏن صحابن جي تعريف ڪئي اٿس.

35.اسلامي عقيدي ۾ الله واحد خالق ۽ ڪارساز آهي.

قرآن مجيد ۾ آهي.

فاينماتولو فثم وجہ الله.

ترجمو.توهان جيڏانهن بہ رخ ڪريو الله جو چهرو ان طرف آهي .

شاهه صاحب وحدت الوجود جي فڪر جا شاعر هئا.شاهه

جي عقيدي ۾ حقيقت ڪل هڪ ذات آهي باقي تمام مظاهر ان جو عڪس آهن.

شاهه صاحب چوي ٿو.

لهرن لک لباس پاٽي پسڻ هڪڙو.

اونهي تنهن عميق جي واري ڇڏ وماس.

جت ناهي نهايت نينهن جي کوهه ات پنهنجي ڪاس.

تڙن جي تلاش تہ لالڻ لڳ ٿئين.

شاهه صاحب چوي ٿو سمنڊ هڪ آهي پر هن ۾ هزارين چوليون آهن.جن جي شڪل مختلف هوندي آهي.الله سمنڊ آهي مخلوق چوليون الڳ الڳ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون.مگر حقيقت ۾ سڀ انهي هڪ سمنڊ الله سائين مان نڪتيون آهن.

36.پيري مريدي--

جيئن تہ قرآن مجيد ۾ نبي صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي مقصد آمد مان هڪ امت جو تزڪيو ڪرڻ بہ آهي.جيئن فرمايو آهي.

اهو الله آهي جنهن سمي ماڻهن منجهان هڪ رسول موڪليو جيڪو آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو.پاڪ ڪري ٿو کين ڪتاب ۽ حڪمت ڏيکاري ٿو.جمعہ 2

قرآن ۾ هڪ ٻئي هنڌ ذڪر آهي.

ياايهاالذي آمنو التقو الله وڪونو مع الصادقين.

ترجمو:اي ايمان وارؤ تقوي اختيار ڪريو ۽ سچن سان گڏ رهو.

شاهه صاحب ڪوڙن پيرن تي سخت تنقيد ڪئي آهي.

فرمائي ٿو.

ڪنيس ڪوبجن تن طبيب نہ گڏيا.

ڏئي ڏنب ڏڏن پاڻان ڏيل ڏکويو.

ان جي برعڪس شاهه صاحب صحيح رهبر پير مرشد جي سٺن لفظن سان پنهنجي ڪلام ۾ ياد ڪيو آهي.

ويني جنين وٽ ڏکندو ڏور ٿئي.

تن تنين سين ڪٽ اوڏي اڏا پکيڙا.

هڪ ٻئي هنڌ اندر جي ڪيفيت ٿو ٻڌائي.

مون سي ڏٺا ماءِ جنين ڏٺو پرين کي.

ڪري نہ سگهان ڪا انيين سندين ڳالهڙي.شاهه

جي تو بيت پانيان

منهنجي هن تحقيق سان مختلف طبقاتي ،نظرياتي ۽ فڪري سوچ کي رد ڪري حقيقي شاه صاحب کي رواج ڏيڻ ۾ مدد ملندي.

هن تحقيق سان شاه صاحب متعلق پکڙيل گهٽڻ غلط فهمين جو ازالو ٿيندو.

هي مقالو اديبن جي ادبي انڌ مان انهن کي اوجاڳي جي اوسيئڙي ڏانهن وٺي وڃي ٿو.شاه جا چاهيندڙ هن مقالي ذريعي ،بيتن جي بک کان پوءِ بصيرت جي پاڇي حاصل ڪن ٿا.جتي بيت فقط نغمه سرائي نه بلڪه نصيحت بڻجي وڃن ٿا. تحقيق سان قرآن جي قولن ۽ لطيف جي لافاني ڪلام کي گڏ ڪري فڪر جي فصل پيدا ڪري ٿو.

لفظن جي لالٽين سان لکيل هي مقالو علم،ادب،ايمان ۽ اخلاص جي ان ادبي وادي وانگر آهي،جتي هر ليکڪ پڙهندڙ ۽ عاشق ،علم جي انهن انوارن سان منور ٿي سگهي ٿو،جيڪي شاه جي بيتن مان آيتن جا اجالا بڻجي نڪرن ٿا.

نتيجا:

شاه صاحب جي ڪلام جي حقيقي فڪري شرح جيڪا اڄان سنڌ واسين مٿان شاه صاحب جو قرض آهي سا ٿيڻي آهي.شاه صاحب سان جيتوڻيڪ قرآن مجيد هر وقت ساڻ هوندو هو انڪري سندن سڄو ڪلام انجي تعليم جي گرد گهمي ٿو.

حوالا.

شاه جو رسالو: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

قرآن مجيد ترجمو: مولانا تاج محمود امروٽي رح

شاه عبدللطيف ڀٽائي جي شاعري ۽ اسلامي قدر:-ڊاڪٽر عبدالرحمان جسڪاٽي .

شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ اسلامي قدر: ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز ڪميٽي

جي تو بيت پانيان

-شاهه ڀٽائيءَ ڏک سکن جي سونهن-

جڏهن کان انسان هن دنيا ۾ آيو آهي
تڏهن کان ئي ڳجهارتن جي پوبان پيل آهي.
موت نه اچي هميشه حيات هجان
خوش رهان ڏک ڏولاون کان آجو هجان.

(اڪرم حيدري)

هي ڌرتي پاڻ پنهنجي حقيقت ۾ ناپائيدار آهي,ان مان ڪنهن ڪمال جي ڪهڙي اميد رکي سگهجي ٿي.الله جي فرمان مطابق هي زمين پاڻي مٿان پيدا ٿي ته مٿس لوڏا آيا پوءِ جبل ۽ پهاڙ کوڙي هن کي خاموش ڪيو ويو.هي ڪائنات نامڪمل آهي هتي جي هر شي ختم ٿيڻي آهي.لهاذا ڪنهن شي ۾ ڪمال ۽ تمام جي اميد رکڻ بيوقوفي آهي.

هن ڪائنات جي فطرت عارضي آهي ته هتي جي هر شيءَ به وقتي ۽ عارضي آهي. پوءِ اها خوشي هجي ڏک هجي يا خود زندگي.

شاهه صاحب فرمائي ٿو

ڏکن سکن جي سونهن گهوريان سک ڏکن ري
جنين جي ورونهن سڄڻ آيو مان ڳري.شاهه

اديب ,شاعرڻ ۽ فڪر جا فدائي اڪثر پنهنجي تحريرن افسانن ۽ شاعري ۾ ڏکن تڪليفن ۽ المين کي وڌيڪ اجاگر ڪندا آيا آهن.

سندن لفظن مان خوشي جي ڇنڪار کان وڌيڪ ڏک جي ڌڙڪن ٻڌڻ ۾ ايندي آهي. آخر ڇا سبب آهي جو تخليق جي تخيل ۾ سکن بدران ڏکن کي مرڪزي حيثيت حاصل رهي آهي؟

ڏکن جي دنيا رڳو ويراڳي جي وادي آهي يا ان ۾ ڪا روحاني راهداري به لڪل آهي.

قرآن مجيد ۾ آهي.

لقد خلقناالانسان في ڪبد.

سوره بلد آيت 4

بيشڪ اسان انسان کي تڪليف ,مشقت واري حالت ۾ پيدا ڪيو آهي.

هي آيت انسان جي تخليق ۽ ڏکن جي فطرت بابت هڪ عظيم فلسفو پيش ڪري ٿي.دنيا جو پهريون انسان حضرت آدم عليه جڏهن ڌرتي تي لاٿو ويو ته هو روئندو لٿو هو.ساڳئي طرح ان جو اولاد مان جيڪو به دنيا ۾ پيدا ٿي اچي ٿو روئندو ٿو اچي.ڪائنات جي فطرت ڏک آهي.ڏکن ۾ انسان دنيا کي قريب سان ڏسي ٿو ان جي تحرير ۽ تقرير ۾ ٻين کان وڌيڪ وزن هجي ٿو.جنهن اديب ۾ اندر جيترا آزار جا انواع گهڻا هوندا اوترو ان جي ڪلام ۾ اثر گهڻو هوندو.جڏهن ڪو اديب قلم کڻي ٿو ته هو

صرف الفاظ نه ,پر اندر جي الڪن,سماج جي سڏڪن ء تاريخ جي زخمن کي تحرير ڪري ٿو.ڏک انسان جي اندر کي اجاري ٿو.جتي جذبا جدا ٿيو احساس الڳ ٿي ڪائنات ۾ هڪ ٿي وڃن ٿا پوءِ اديب قلم ذريعي ڪائنات جا ڏک وندي ٿو.

صرف اديبن لاءِ ڏک اهڃاڻ جو ذريعو نه آهن پر روحاني رهاڻ جو به رستو آهي.

جي تو بيت پانيان

تاريخ گواهه آهي ته ڪيترائي نبي ،صوفي ۽ اولياءَ ڏکن جي دامن ۾ الهامي روشني سان مالامال ٿيا. حضرت ابراهيم عليہ السلام کي باهه، حضرت يوسف عليه السلام کي قيدخاني ،حضرت ايوب عليہ السلام کي بيماري،

حضرت يونس عليه السلام کي مڇي پيٽ ۽ حضرت محمد مصطفي صلي الله عليہ وسلم کي طائف ۾ پٿر وسڻ ڪانپوءِ الله پاڪ معراج نصيب ڪيو. ڏکن ۾

خدا جي قربت جا خزانہ لڪل آهن.

ڏک انسان کي وڏيڪ حساس،نرم ۽ دقيق نظر وارو بڻايو ڇڏين ،انهي ڪري گهڻو ڪري اديبن جي

علم جا شاهڪار، تخليق ڏکن جي ڏينهن ۾ پيدا ٿين ٿا. جتي هر سٽ،هر جملي مان زندگيءَ جو ڏک ۽ صدمو سڏڪندي پڌڻ ۾ اچي ٿو.

اصل ۾ ڏک انسان کي پيچي اندر هڪ انسان کي جنم ڏي ٿو. تنهنڪري اديب ڏک کي روشني جي راهه ۽ رنج کي راز بڻائي اندر جو اظهار ڪري ٿو.

پاڻ سڳورن کي الله پاڪ فرمايو تہ اي نبي تون چئو ته تنهنجي لاءِ پهاڙ سون جا ڪري ڇڏيان جواب ۾ نبي صلي الله عليہ وسلم فرمايو

اي الله مون کي هڪ ڏينهن ڏي بي ڏينهن نہ ڏي تہ توکي ياد ڪريان.

ڏسو ڪهڙو نہ عجيب عشق آهي جو الله وارا تڪليفن ۾ بہ تسڪين جا تخت ڏسن ٿا.

الله وارن جي اکين جا اشڪ ۽ نينهن جي نهائين کي جنت جي لذيذ ميون کان مٺي ٿا پانين.

جيڪي اسان لاءِ آزمائش ،انهن جي لاءِ عبادت،جيڪي اسان لاءِ پريشاني جا پهر،اهي سندن لاءِ حضور جي حيرت پريا حسن جا جلوا. اهي دردن جي زبان سان دعائن جا در کولي ڇڏين ٿا ۽ پريشانين جي پردي مان پاڪيزگي جي روشني ڏسن ٿا.

تڏهن تہ شاهه صاحب چوي ٿو.

جنين جي ورونهن سجڻ آيو مان ڳري،

اهڙن ماڻهن مٿان الاهي بارگاهه مان هميشہ رحمت جي پالوٽ ٿيندي آهي.

اهي اديب ۽ عالم جن جي دل دردن جي ڏڙڪن سان ڏک ڏک ڪري ٿي، تن لاءِ تڪليفون تسبيح اذيتون آذان دليون دعائن جي دربار بڻجو وڃن. جتي ماڻهن جي صبر جي سرحد ختم ٿي وڃي اتي سندن عشق جي ابتدا ٿئي ٿي. انهن لاءِ مصيبت محبت جو ميدان ۽ ڏک،ديدار جي دعوت آهي.

شاھ ڀٽائي ۽ عاشق عزازيل

عاشق عزازيل ٻيا مڙيئي سڏڙيا.
منجهان سِڪَ سبيل لعنتي لال ٿيو.

شاھ عبداللطيف ڀٽائي عالمگيري فڪر ۽ آفاقي پيغام کان پنهنجا پراوا متاثر آهن.شاھ صاحب جي تو بيت پانيان سي آيتون آهن جي ضمن ۾ ڪلام کي لافاني بنائي ڇڏيو آهن. مٿيون بيت شاھ جي متشابهات ۾ منجهيل مطلب وارن بيتن مان آهي.

پهرين سٽ جو پهريون لفظ عاشق ڏنل آهي.
عاشق ،عالم،عارف،عابد.
انهي «عين»جا اڪثر اعزاز عزازيل وٽ هئا،پر. عاشق ،
جو اعلي اعزاز ,جنهن سان عشق حقيقيءَ جو اظهار ٿئي ٿو،اهو نہ هيو.
تنهنڪري لعنتي لقب سان لائنون لڏائين.

شيطان هڪ عين تہ عابد هو زمين تي هڪ گرانٽ جيتري بہ جڳھ خالي نہ هئي، جنهن تي شيطان سجدو نہ ڪيو هجي. ترقي ڪندو پهرين آسمان اتي بہ ائين عبادت ڪيائين.اهڙي طريقي سان ٻيو ٻوءِ وري ٽيون ستين آسمان تائين پنهنجي عبادت ۾ ڪمال ڏيکاريندي رب پاڪ جي قريب وجي مقيم ٿيو.
ٻيو عين عالم جو هئس جو رب جي تسبيح تهليل ۽ اسم اعظم جي راز جي اسرار کان بہ واقف هو.
ٽيون عين عارف هو جو الله پاڪ جي راز و نياز راضپي ناراضگي ۽ غيبي اسرارن جي بہ حڪمت سان پروڙ ٽيندي هئس.
چوٿون عين عاشق جيڪا منجهس موجود نہ هئي جي عاشق هجي هان تہ انڪار جي جسارت نہ ڪري ها.اهو عين هو جيڪو عروج ڏيڻ وارو آهي،جيڪو عابد کي عبد،عالم کي عاجز،عارف کي عاشق بڻائي ٿو.پر هو انا جو انگار هو جنهن عشق کي اجالو ڪرڻ کان روڪيو.

شاھ صاحب فرمائي ٿو ٻيو لفظ عزازيل استعمال ڪيو.

عزازيل شيطان جو اول نالو هو.شاھ صاحب پهرين سٽ ۾ شيطان جي مثبت ۽ بهتر پيرا ۾ ذڪر ڪيو آهي.شاھ صاحب فرمائي ٿو سچو عاشق چوائڻ جو حق صرف عزازيل کي آهي جنهن جون صفتون مون مختصر مٿي بيان ڪيون آهن.عابد هو عارف هو عالم هو جيڪو جنن منجهان هوءِ منزلون طيءِ ڪندو اهو مقام ماڻئين جتي ڪو فرشتو بہ نہ پهچي سگهيو.شاھ صاحب جي چوڻ جو مطلب تہ ٻيا دنيا جا عاشق مڙيئي لباڙي آهن اگر ڪو انهي قول ۾ سچو آهي تہ اهو عزازيل آهي.
ٻي سٽ ۾ شاھ صاحب فرمائي ٿو.

منجهان سِڪَ سبيل لعنتي لال ٿيو.
ٻي سٽ ۾ شاھ صاحب شيطان جو منفي پهلوءِ جو ذڪر ڪيو آهي.
سڪ سبيل . سبيل جي معنيَ رستوءِ واٽ آهي
سڪ جي معنيَ طلب،حرص،نفس جي خواهش آهي.
عزازيل عبديت کان انا تائين پهتوء اتي سندس لعل(گوهر) لٽجي ويو.

خواهش نفس کي اسلامي تعليم ۾ تمام گهٽو نٽديو ويو آهي.شيطان لفظ جي معني آهي تڙيل ڌڪاريل. منجهان سڪ سبيل اها هئي اندروني ڪيفيت آئون ڀلو آهيان انا خير منہ مقام ۽ مرتبي ۾ ٻين کان برتر ٿيڻ جي خواهش.انا،عار،غرور.عزازيل جا اندروني آزار هئا جنهن ڪري آءٌ چئي انڪاري ٿيو.اڄ اسان جي

جي تو بيت پانيان

سماج ۾ اها هر ہي ماڻهوءَ جي سڪ هوندي آهي تہ معاشري ۾ آئون اوچو اعلي هجان مال ملڪيت ۾ اقتدار ۽ ڪرسي ۾.انهي جبلت شيطان کي خدا جو منڪر بڻائي ڇڏيو هميشہ هميشہ لعنتي ٿي ويو.اها انا ايتري تہ وڏي باطني بيماري آهي, جو انسان کي ان شي جو احساس ئي نٿو ٿئي تہ هو غلطي تي آهي .اها اصل ۾ خدا جي ناراضگي جو دليل آهي.جيئن ڪنهن شخص کي تڏو هٽي پري ڪري ڇڏجي ائين اهڙي خصلتون واري شخص کي خدا رحمت جي نگاه کان پري لعنتي ڌڪاريل ڪري ڇڏيندو آهي.اها بيماري ايتري تہ خراب آهي جو ان خصلتن وارو انسان موت جي منهن مان بہ بچي اچي نہ تڏهن بہ وري ساڳي ڪرت ڪندو.

اهڙو انسان مرڻون مريو وڃي پر پر پنهنجي پاڻ کي حق تي هدايت جي رستي تي سمجهندين پاڻ کي عقلمند عقل ڪل ۽ پنهنجي مقابلي ۾ خوف خدا رکڻ وارن کي گمراه ۽ جاهل تصور ڪندو آهي.انهي بدخصلتن جي ڪري شيطان الاهي بارگاه مان هميشہ هميشہ تڙجي ويو.قران مجيد ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو.

ترجمو:اي نبي تو انهن کي ڏٺو آهي جن پنهنجي نفس کي خدا بڻائي ڇڏيو آهي.اهي حيوان وانگر آهن پر انهن کان بدتر آهن.

شيطان ڇٽبو ان کي آهي, جيڪو حق سچ کي ڇاٽي , دنيا جي عارضي معمولي فائدي جي ڪري نفس کان مغلوب ٿي ان جو انڪار ڪري, الله جا حڪم بار بار ہڌڻ ۽ انهن کي ٺڏڻ جي پاداش ۾ الله تعالي اهڙي بدنصيب شخص جي دل ۽ حق(قرآن)جي وچ ۾ پاڻ رڪاوٽ ٿي ويندو آهي.ان جي اکين ,ڪنن ۽ دلين تي غفلت جو غلاف وجهي ڇڏيندو آهي.

پوءِ حق سچ جي قبوليت جي صلاحيت الله سائين ان کان ڦري ڇڏيندو آهي.اهو انسان بي شرم,بي حيا, حاسد,حريص,لالچي منافق ,دغاباز,حرامخور,

ظالم,گناه تي ضدي,عزت نفس مريل ڍيٺ جهڙين جملي شيطاني بدخصلتن جو پتلو ٿي پوندو آهي.لطيف مؤمن کي خبردار ٿو ڪري تہ سڪ سبيل نہ وڃ.اها راه نفس کي نار,حسد کي حرارت,غرور کي غرق ڪرڻ واري آهي .

شاه صاحب هن بيت ۾ عزازيل جي عبادت جي ساراه ۽ برائين کي بد چيو آهي.شاه صاحب فرمائي ٿو.

عين جي چئن روپن عاشق,

عالم,عارف,عابد. فقط

عشق ئي اها وصف آهي, جيڪا شيطان کان انسان کي بچائي ۽ رب جي قرب تائين پهچائي ٿو.باقي وصفون جيڪڏهن انا سان گڏ ٿي وڃن تہ ثوابن جا پهاڙ بہ ڏڏڙ بڻجو ڊوڙ ٿيو وڃن.

جي تو بيت پانيان

شاهہ ۽ آخرت

بيت تحقيق جي روشني ۾

جي تو بيت پانيا سي آيتون آهن.

نيو من لائين پريان سَندي پارَ ڏي

شاهہ صاحب پنهنجي ڪلام ۾ جڻ پورو قرآن پلٽي ڇڏيو آهي. آئون شاهہ جو ادني شاگرد جنهن بہ بيت ڏي نظر ٿو ڪيا انيڪ بشارتون نظر اچن ٿيون. شاهہ جي چواڻي.جيڏانهن ڪريان پرک تيڏانهن صاحب سامهون جي مصداق گوناگون آيتن جي اُپٽار ٿئي ٿي.شاهہ صاحب جو ڪلام اسان لاءِ ڄمڻ کان موت تائين رهنما آهي. سمجهہ ۾ جواني ۾ پيرِ پائڻ کان

اول الله عليم اعلي عالم جو ڌڻي.

قادر پنهنجي قدرت سين قائم آهِ قديم

چئي چوندو آءِ تان جو ايماني موت سان ملاقاتي ٿين.

موتي مران مر ماءُ موتڻ کان اڳ مران

لڇي لالڻ لاءِ شال پوندس پير تي.

سنڌ واسين سان حد درجہ سچو ۽ مخلص شاهہ صاحب جهڙو اديب سنڌ ڌرتي کي ٻيهر نہ ملندو.چو تہ شاهہ صاحب جي ڪلام ۾ صرف دنيا جي لاءِ نہ پر آخرت جي بہ رهنمائي موجود آهي.

جنهن جي هر مسلمان کي ضرورت آهي چو تہ ان جو دارومدار آخرت جي ابدي زندگي تي آهي.

شاهہ صاحب جا سخن صرف مرڻ تائين گڏ ناهن. ان جي رهنمائي قبر ڪاري ۾ نور ۽ ڪاڙهي قيامت ۾ ڇانوَ جو ڪم ڏئي ٿئي.

شاهہ صاحب اگهور ننڊ ۾ ستل مسلمان کي خواب غفلت مان جاڳائيندي چوي ٿو.

ڪتڻ جي ڪانہ ڪرين ستي ساهين هڏ.

صباح ايندئي اوچتي عيد اگهاڙن گڏ.

جت ساهڙ ڪندين سڏ اتي سڪندين سينگار کي.

ڪتڻ جي ڪانہ ڪرين مان مراد عبادت، رياضت، محنت،جدوجهد، جستجو عمل خير،توشو آخرت آهي

شاهہ صاحب هن جملي مر عمل آخرت لاءِ ثمر ساٿ گڏ ڪرڻ لاءِ همت ٿو ڏياري. جيئن تہ مشهور چوڻي بہ آهي .عمل سي بنتي هي جنت بهي جهنم بهي.

لهذا هي دنيا عمل جي جاءِ آهي آخرت بدلي جي جاءِ آهي.

شاهہ صاحب جي هي بيت ۾ خالي الله جي رحمت مان اميد ۽ رسول ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي شفاعت آسري ويهڻ خود ڪتڻ جي نہ ڪرڻ کي ننديو آهي.

الله سائين قرآن مجيد ۾ نبي ص جي ذريعي حڪم ٿو ڪري.

چئو تہ توهان عمل ڪريو پوءِ الله اوهان جا عمل ڏسندو ۽ هن جو رسول ۽ ايمان وارا بہ ۽ توهان کي الله ڏي واپس آندو ويندو ۽ هو توهان کي ٻڌائيندو جيڪو توهان ڪندا هئو.

اڳيون جملو آهي.

ستي ساهين هڏ.هن جملي ۾ شاهہ صاحب آرام پسندي،تن پروري ۽ غفلت کي عمل آخرت لاءِ جستجو نہ ڪرڻ جو سبب قرار ڏنو آهي.

اج جو ڪم سڀاڻي تي ڇڏڻ کي اسلام ناپسند ڇيو آهي.

جي تو بيت پانيان

الله سائين قرآن مجيد ۾ فرمائي ٿو.

چئو جيڪڏهن توهان کي توهان جا پيءُ، توهان جو اولاد، توهان جو ڀائر، توهان جون زالون، توهان جو ڳوٺ ڪيل مال، توهان جو هلندڙ ڪاروبار جنهن ۾ توهان کي نقصان پوڻ جو ڊپ آهي ۽ توهان جا آرام ده گهر جيڪڏهن اهي پيارا آهن توهان کي الله کان ۽ رسول کان بس انتظار ڪيو الله توهان لاءِ ڪهڙو فيصلو ٿو ڪري. الله فاسقن کي هدايت ناهي ڪندو. توبہ 24

هن طويل آيت ۾ عمل آخرت جي راهه ۾ رڪاوٽ وجهندڙان سڀن عنصرن جو ذڪر ٿيل آهي. جن کي شاهه صاحب هن بيت ستي ساهين هڏ ۾ اشاري طور ڪيو آهي.

ان کان علاوه شاهه صاحب هن جملي ۾ ستي ساهين هڏ يعني سمهڻ کي لهو لعب بي فائده ڪمن جي اهڃاڻ طور استعمال ڪيو آهي. انسان پنهنجي روزاني زندگي ۾ ڏهه کان ٻارنهن ڪلاڪ سمهڻ ۾ ٿو گذاري مطلب ست سالن جي زندگي ۾ اڌ عمر ٽيهه سال صرف سمهڻ ۾ ٿو وڃائي ۽ باقي عمر ۾ زندگي جا جملي امور سرانجام ڏي ٿو ۽ آخرت لاءِ ٿوري وقت ۾ ثمر ساڻ ڪٽڻ مشڪل آهي.

جيڪو شاهه جي زباني قابل اصلاح ڪرت آهي.

وڏو نقصان ان ۾ وقت ضايع ڪرڻ آهي. شاهه صاحب اڻ سڌي طرح وقت جي قدر قيمت کي ڪامياب زندگي گذارڻ جو زرين اصول ٻڌايو آهي. دنيا جي ڪاميابي سان گڏوگڏ آخرت ۾ سڀ پلايون ان تي منحصر آهن. اڄ جو ڪم اڄ ڪرڻ هي سوچ انسان جي محنت، ذميداري ۽ وقت جي قدر ڪرڻ جي عڪاسي ڪري ٿو.

ٻي سٽ ۾. صباح ايندئي اوچتي عيد اگهاڙن گڏ.

صباح مان مطلب صبح وقت ونجي تڏهن بہ ٺيڪ

جي مراد سياڻي ونجي تڏهن بہ ٺهڪي ٿي بيهي.

الله قرآن مجيد ۾ قيامت کي سڀاڻ جي نالي سان بہ سڏيو آهي. جيئن

اي ايمان وارؤ الله کان ڊڃو

هر جان ڏسندي تہ هن ڪاله جي لاءِ اڳيان ڇا موڪليو. حشر 18.

ٻيو لفظ قيامت لاءِ اوچتي آندو آهي.

جيئن قرآن ۾ آهي.

بيشڪ اهي ماڻهو نقصان ۾ پئجي ويا جن الله سان ملڻ کي ڪوڙ ڀانيو ايستائين جو قيامت انهن تي اوچتو اچي وئي. انعام 31.

ٻي اڌ سٽ ۾ شاهه صاحب چوي ٿو. عيد اگهاڙن گڏ

هن م لفظ عيد جا بہ مطلب ٿي سگهن ٿا. نماز عيد گاهه کي ميڙ کي حشر جي ميدان سان تشبيه ڏني وئي آهي. جنهن ۾ اڳيان پويان سڀ حساب لاءِ ڪٺي ڪيا ويندا.

ٻيو مطلب جيڪڏهن لفظ عيد مان لغوي معنيَ مراد آهي تہ ان جي معنيَ خوش باش مسرت آهي. جنهن جو ذڪر قرآن وڏي واڪي ڪيو آهي.

جنهن کي اعمالنامو ساڄي هٿ م ملندو انجو حساب سؤلو ٿيندو هو پنهنجي عزيزن ڏانهن خوش خوش موٽندو. عبس40

بيت جي آخري سٽ ۾ شاهه صاحب فرمائي ٿو.

جت ساهڙ ڪندين سڏ اتي سڪندين سينگار کي.

هتي لفظ سڏ قابل غور آهي

جي تو بيت پانيان

سڏ معنيٰ صور ڦوڪجڻ خوفناڪ آواز مراد آهي .صور جو ڦوڪجڻ ٻه دفعہ ٿيندو هڪ دفعي سان سڀ شي فنا ٿيندي ٻي دفعہ سان ٻيهر زنده ٿي اٿندا.

جيئن قرآن مجيد ۾ آيل آهي.

جڏهن صور ڦوڪي ويندي اهي پنهنجي قبرن مان نڪري پنهنجي رب جي طرف ڊوڙڻ لڳندا.

شاه صاحب آخري اڌ سٽ ۾ چوي ٿو تہ.ات سڪندي سينگار کي.

جن ماڻهن پنهنجي زندگي رب چاهي گذاري ۽ خاتمو بہ سندن ايمان تي ٿيو.انهن نيڪ بخت انسانن کي حشر جي ميدان ۾ وڏي اڪرام سان نوازيو ويندو .انهن کي ڪاڙهي قيامت ۾ الله سائين جي عرش هيٺ پاڇو نصيب ٿيندو.انهن جو اعمالنامو وڏي وزن ترازن ۾ ترندو ۽ اک ڇنب ۾ پل صراط پار ڪري وڃي پرين جا پاڙيسري ٿيندا.

شاه جي هن بيت جو خلاصو اهو آهي تہ شاه صاحب انتهائي درد سان دانهن ڪندين زندگي ۾ ڪجه ڪرڻ ۽ ڪتڻ لاءِ هدايت ٿو ڪري ائين فضول ڪمن ۾ وقت گذارڻ کي ناسمجهي ۽ دانشمندي جي ابتڙ ٿو سڏي.سياڻ اوچتي اچڻ کان اڳ رب جي ريجهائڻ ۽ اگهاڙن سان حشر ويل سرخرو ٿيڻ لاءِ جاني کي جاڳي ياد ڪرڻ جي صلاح ٿو ڏي.

۽ ان ڏينهن جي شرمندگي کان بچڻ لاءِ جت اڳيان پويان پلا ڊلا ميدان ۾ موجود هوندا هتان ئي سامان ساٽ ڪٽڻ جو درس ٿو ڏي

جي تو بيت پانيان

(آهي ڪو ٻيو فهم) تي تنقيدي نظر

شاھ عبدللطيف ڀٽائي تي لکيل ڪتاب مقدمہ لطيفي جي مصنف تصوف جي باب ۾ پنھنجو موقف ڏيندي لکي ٿو ظاهري شريعت ماڻهو ۾ تنگ نظري ۽ تعصب ٿي پيدا ڪري ۽ پوءِ حوالي طور شاھ صاحب جو هي بيت پيش ڪري ٿو

روزا نمازون اهو پڻ چڱو ڪم

آهي ڪو ٻيو فهم جنھن سان پسجي پرين کي

اهو صرف مذڪورا مصنف نہ ذري گهٽ هن شعر متعلق سيني لطيف جي لکندڙن اها ساڳي سوچ آندي آهي. اها آهي اها طبقاتي سوچ ۽ فڪري لاڙو اسان جي اديبن جو جنھن جي شاھ صاحب سان عدم مطابقت جي ڪري شاھ جي ڪلام کي ٿي سؤ سال ٿيڻ تي آهن پر اجان تائين صحيح شرح نہ ٿي سگهي آهي جيڪو سنڌ واسين مٿان شاھ صاحب جو قرض آهي. جيڪو لهڻو آهي پر الائي ڪڏهن لهندو. آئون پڙهندڙن کان پڇان ٿو ڇا شاھ صاحب ظاهري شريعت جي پرچار پنھنجي شاعري ۾ نہ ڪئي آهي ڇا شاھ عبدللطيف ڀٽائي ايمانيات مثلاً الله پاڪ تي قرآن مجيد ،فرشتن،رسولن، آخرت۽ مري وري جيئرو ٿيڻ قبر منڪر نڪير جو ذڪر پنھنجي شاعري ۾ نہ ڪيو آهي. ڇا شاھ صاحب دين جي بنيادي رڪنن توحيد نماز روزو زڪوات حج جو احوال پنھنجي ڪلام ۾ نہ آندو آهي. ڇا شاھ صاحب پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم جي سيرت، سونهن سوپيا، هلت چلت، ڪردار، آخري نبي هئڻ جي گواهي ڏيڻ،سندن ساٿين صحابن سڳورن ،اهلبيت عظام جو ذڪر وڏي واڪي نہ ڪيو آهي. ڇا شاھ صاحب دوست منا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين چئي عالم اسلام کي هڪ ملت واحد نہ سڏيو آهي،واجهائي وطن کي آئون جي هڪ مياس چئي ساٽيہ جي سڪ ،پسو پکيئڙن ماڻهان ميٺ گهڻو چئي ٻڌي۽ ايڪي جو درس نہ ڏنو آهي۽هو چنن تون ۾ ڇن چئي رشتن کي ڳنڍڻ جو،وڻن کي ٽوٽون پتر هٽي برداشت ۽ پاڇائي نہ پاڇان سئي سندين ساڻ ڇئي سئي کان ٻيئن کاڻ جيئڻ جو سبق ڏئي اسان کي اسلامي معاشرت پنھنجي ڪلام ۾ نٿو سيکاري.

ڳاله آهي سچي معيار ۽ فڪر جي جنھن جي جيڪا فڪر ۽ سوچ هوندي اهو انهي تحت ڳاله کي توريندو ۽ پرکيندو.اڇو شعر تي تہ هن شعر ۾ شاھ صاحب ڇا ٿو چوي. شاھ صاحب بلڪل صحيح فرمايو آهي بس تعبير جو فرق آهي.اسان کي خبر آهي تہ شاھ صاحب جي پوري ڪلام جو خلاصو هڪ شعر ۾ آهي جنھن ۾ شاھ صاحب فرمائي ٿو جي توبيت پانيان سي آيتون آهين هن شعر ۾شاھ صاحب هڪ باعمل مسلمان کي مخاطب آهي تہ روزا نمازون تہ فرض آهن ان جو ڪنھن کي بہ انڪار ناهي پر

انکان علاوه ٻيا بہ ڪم آهن جن کي ڪرڻ ذريعي الله سائين جي ويجهڙائيءَ ملندي آهي جن ۾ غريب بيواه يتيمن جي پرگهور لهڻ مسڪين محتاج جي خبر گيري۽ بيمار بي حال جي ٿهل ٽڪور ڪرڻ. خير جي ڪمن جي هڪ وڏي وسيع عملي ميدان کي شاھ صاحب فهم سان تعبير ڪيو آهي جنھن کان ڪنھن بہ مسلمان کي انڪار ناهي. المختصر جڏهن بہ جڳہ جي مٿان ٻي منزل ٺاهبي آهي پهرين بنياد کي مظبوط ڪبو آهي پوءِ مٿي منزل ۽ انتي رنگ روغن پهول پتيون ڪرائبيون آهن . ساڳيوئي شاھ صاحب جي چواڻي تہ پهريائين اسلام جي بنيادي رڪنن جي مضبوطي ۽ پابندي سان عمل ڪرڻ آهي انکان پوءِ خير جا ڪم آهن جن جو مٿي ذڪر آهي(تہ آهي ڪو ٻيو فهم جنھن سان پسجي پرين کي).منھنجي مطالعي ۾ آهي تہ شاھ عبدللطيف ڀٽائي جي ڪلام ۾ اسلام متعلق ڪٿي بہ ڪمزوري يا ڪوتاهي ناهي شاھ صاحب اسلام جي تبليغ ۾ چٽوءِ واضح آهي اڄ جي بحث مان اهو نتيجو نڪتو آهي تہ .شاھ صاحب کي ڪما حقہ سمجهڻ لاءِ صرف شاھ جو رسالو ڪافي ناهي ان سان گڏ قرآن مجيد ۽ اسلام جو علم هجڻ بہ ضروري آهي

شاھ جو شعر ۽ سائنسي تشريح.

ايڪ قصر در لک ڪوڙين ڪٽس ڳڙڪيون

جيڏانهن ڪريان پرڪ تيڏانهن صاحب سامهون

هن شعر ۾ قصر مان مراد وسيع ڪائنات مراد آهي.مطلب شاھ صاحب جي چواڻي هڪڙي وسيع ڪائنات ۾ لکين ڪهڪشائون ۽ منجهس ڪروڙين سيارا ۽ ستارا آهن.

هن بيت ۾ شاھ صاحب جو قرآن مجيد جي هڪ آيت مبارڪ ڏي اشارو آهي.

والسماء بنيناها بايدوانا لموسعون.ذاريات 47

ترجمو.اسان آسمان کي وڏي قدرت سان ٺاهيو آهي انکي اسين وسيع ڪندا ٿا وڃون.

وسيع ٿيندڙ ڪائنات.....

1925 ۾ آمريڪي ماهر فلڪيات ايڊون هبل هن ڳاله جو تجربو ڪري ثابت ڪيو تہ سپ ڪهڪشائون هڪ ٻئي کان پري ٿينديون رهن ٿيون.جنهن جو مطلب اهو آهي تہ ڪائنات مسلسل پکڙجندي رهندي آهي .اڄ جي تحقيق آهي تہ ڪائنات ۾ ٽي سؤ ارب ڪهڪشائون آهن ۽ هر ڪهڪشاء ۾ ٽي سؤ ارب زمينون آهن.جڏهن تہ ڀٽائي صاحب اندر جي سوجهري سان ٽي سؤ سال اڳ معلوم ڪري ورتو.

مٿين بيت جي لفظي معني ڪجي تہ پوء شاھ صاحب وڏي سائنسي علمي قابليت جو ثبوت ڏنو آهي چو تہ بيت ۾ لفظ قصر آندل آهي جنهن جو مطلب محل آهي محل هڪ مظبوط,محفوظ ۽ زندگي سان وابستہ سيني ضرورتن سان مزين هوندو آهي.محل رهائش جي جاء هوندي آهي انجو مطلب آهي تہ اتي پوء ڪا مخلوق بہ رهندي هوندي.جنهن جا آثار اڄ جي سائنس بہ ڏي ٿي. قرآن مجيد جي چٽائي سان انجو ذڪر ڪيو آهي.

ترجمو.الله جي نشانين مان آسمان ۽ زمين جو پيدا ڪرڻ آهي ء انهي ٻنهين منجه اسان جاندار مخلوق پکيڙي ڇڏي آهي .شوري

هن آيت منجه صاف ٻڌايل آهي تہ مخلوق صرف زمين تي ناهي پر ٻين سيارن تي بہ زندگيء جا آثار موجود آهن.بيت جي ٻي سٽ ۾ شاھ صاحب فرمائي ٿو جيڏانهن ڪريان پرڪ تيڏانهن صاحب سامهون.

هتي هڪ لفظ پرڪ قابل توجہ آهي.پرڪ لفظ غور فڪر ڪرڻ لاء استعمال ٿيندو آهي.ان جو مطلب تہ جيڪڏهن توهان سوچيندو غور ڪندؤ تہ ڪائنات جي ذري ذري مان خدا جو جلوو نمايان محسوس ٿيندو.

شاھ صاحب سان گڏ دين اسلام بہ انسان کي غور فڪر جي دعوت ڏي ٿو.حديث مبارڪ م آهي.هڪ گهڙي جو غور فڪر سٺ سالن عبادت کان بهتر آهي.بيهقي

شاھ صاحب بيت جي مٿي سٽ ۾ الله جي قدرت آسمان زمين ڪهڪشائن جو ذڪر ڪري ٿو.ٻي سٽ ۾ ان خالق جي وجود کي ڳولڻ ڦولڻ لاء غور فڪر جي دعوت ڏي ٿو.سائنس جو سمورو علم انهي غور فڪر جي بنيادي اصولن OBSERVATION, HYPOTHESIS, EXPERIMENT, CONCLUSION

يعني ڏسو سمجهو سوچيو ۽ سچاٽو تي بيٺل آهي.شاھ صاحب جي چواڻي تہ جيڏانهن ڪريان پرڪ قابل توجہ آهي تہ جڏهن زمين آسمان سيارا ستارا وجود م آيا تہ انهن جو محرڪ اول تہ هوندو ڪو مسبب ڪائنات تہ هوندو گهرجي جيڪو ڪنهن جو محتاج نہ هجي.

شاھ صاحب جو هي بيت پيش ڪيو آهي بيت نہ آهي پر علم جو وسيع ڀنڊار آهي. ڇا هي هيڏو سارو نظام ڪائنات ڪشش ثقل اليڪٽرو ميگنيٽڪ فورس ۽ ايٽمي طاقت اهڙي تہ مربوط نظام ۾ جڪڙيل آهن جيڪر ذرو بہ فرق ٿي پوي تہ ڪائنات باقي نہ رهي.ڇا هي سڀ ڪجه اتفاقن ٿي پيو اهو ائين ٿي نٿو سگهي.

قرآن مجيد ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو تہ.انا ڪل شي خلقناه بقدر.قمر 49

ترجمو.اسان هر شي کي اندازي سان پيدا ڪيو آهي.

هتي لفظ قدر قابل غور آهي يعني اسان هر شي کي ماپ ء تور سان پيدا ڪيو آهي.سائنسي ٻولي ۾ توازن balance تناسب proportion ۽ مقدار measure

سان هر شي پيدا ڪئي آهي.اسان ان کي مثال پيش ڪريو ٿا.

جي تو بيت پانيان

انساني جسم ۾ رت جي pH level 7.35 کان 7.45 جي وچ ۾ هوندي آهي جي ان ۾ ٿورو فرق اچي ته موت واقع ٿي سگهي ٿو.

هڪ ٻيو مثال پيش ڪجي ٿو. هر جاندار ۾ DNA جي پيدائش جو پورو طريقو هوندو آهي.ان جي اندر A.T.C.G جا جوڙا هڪ خاص ترتيب ۾ هوندا آهن.

جيڪر هڪ به جوڙو پنهنجي جاءِ تان هٽي وڃي ته موت واقع ٿي سگهي ٿي .اهڙا ڪوڙ مثال پيش ڪري سگهجن ٿا.

ڇا اهو نظام خود بخود وجود ۾ اچي ويو يا انهي پنيان ڪا هستي آهي.

اچو ته ڪجھ حڪايتن جي روشني ۾ الله جي وجود جي ڳولها ڪريون.

ابو حنيفي وٽ چند ملحد آيا ۽ سوال ڪرڻ جي اجازت گهريائون اجازت ملڻ تي سوال پڇيائون ته الله ڪٿي آهي.رات جو وقت هو بتي روشن هئي.ابو حنيفي ورائي انهن کان سوال ڪيو ته بتي جي روشني ڪهڙي طرف آهي.انهن جواب ڏنو چارو طرف آهي.ان تي ابو حنيفي چيو ته الله نوراسماوات ولارض الله به چارو طرف آهي.انهن چيو ٺيڪ آهي الله موجود آهي ٻيو سوال اهو آهي ته الله جي آهي ته ڏسڻ ۾ ڇو نٿو اچي.انهن جي ضيافت لاءِ ابو حنيفي کير پيش ڪيو جيڪو سامهون رکيو هو ابو حنيفي چيو آئون چوان ٿو ته هن کير ۾ مکڻ آهي ڇا توهان ان جو انڪار ڪريو ٿا.سوچ ويچار ڪانپوءِ انهن جواب ڏنو ته مکڻ برابر کير ۾ موجود آهي پر کير ۾ اهڙي طرح گڏيو پيو آهي جو ڏسڻ ۾ نٿو اچي.ان تي ابو حنيفي چيو الله پاڪ به ڪائنات ۾ گڏيو پيو آهي جو ڏسڻ ۾ نٿو اچي.

مطلب ته هر شي ۾ رب پاڪ پاڻ کي پوشيده رکيو آهي.

هڪ ٻي حڪايت ۾ انجي وڌيڪ وضاحت ٿئي ٿي.

توت جا پن جي ريشم جو ڪيڙو کائي ته ان مان ريشم نڪري جنهن مان ڪپڙو ٺهندو آهي اهو ساڳيو پن جي ماکي جي مک چوسي ته ان ان مان ماکي نڪري جي هرڻ کائي ته ان جي ناف وٽان مشڪ پيدا ٿئي جي ٻڪري کائي ته ان جي پيٽ مان کير.غور فڪر سان معلوم ٿئي ٿو ته پن ساڳيا آهن هئڻ ته ائين کپي ها ته سڀ جي پيٽ مان ساڳئي شي نڪري ها پر هر جاندار جي اندران مختلف مختلف شيون پيون نڪرن معلوم ٿيو ته ڪا غير مرئي قوت آهي جيڪا پيٽ جي اندر ڪاريگري ڪري ٿي.اها آهي هڪ الله جنهن لاءِ شاه صاحب فرمائي ٿو جيڏانهن به غور فڪر ڪندي توکي هڪڙي خدا جي هستي ڪارفرما ملندي.

قارئين.اهو هڪڙوئي بيت ايڏو ته وسيع آهي جو ان جي تشريح تي دفترن جا دفتر لکي سگهجن ٿا.

اڳ اسان اهو ٻڌو هو ته شاه عبداللطيف ڀٽائي عظيم صوفي شاعر آهي جيڪو سنڌي علم ادب ۾ وڏو مقام رکي ٿو. پر اڄ اهو ثابت ٿيو آهي ته شاه صاحب پنهنجي جاءِ تي صوفي شاعر سان گڏ عظيم فلسفي ۽ سائنسدان به آهي.

جنهن پنهنجي ڪلام ۾ نه ڄاڻي ڪيترا مخفي راز لڪائي رکيا آهن اها اسان جي ذميداري آهي ته شاه جي ڪلام تي سائنسي تحقيق جو دائرو وڌائي اهڙا راز پڌرا ڪندا رهون. منهنجي

ناقص مطالعي ۾ هوئڻ ته شاه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام تي تمام وڏو ذخيرو موجود آهي پر شاه صاحب جي ڪلام تي هن موضوع تي قلم بالڪل خاموش آهي

هي تحرير ساڃه وندن لاءِ خاموش پيغام آهي.

شاھ جي بيت جي روحاني شرح

تن تسبيح من مٽيو دل دنبورو جن
تندون جي طلب جون وحدت سر وڄن
وحده لا شريڪ لہ اھو راڳ رڳن
سي ستائي جاڳن ننڊ عبادت انجي

هن چئن سٽن ۾ شاھ صاحب هڪ ولي ڪامل جيڪو فنا في الله جي مقام تي فائز آهي انجي تصوير ڪشي ڪئي آهي

پهرين صفت بيان ڪندي شاھ صاحب فرمائي ٿو تہ اهي اولياء جن جي صبح شام الله سائين جي ياد ڪندي گذري ٿي الله جي ذڪر سان انهن جي زبان سرشار ۽ هر وقت آلي آهي. مطلب اهي الله جي عشق جي عميق ۾ غرق آهن. جيئن تہ نبي صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو فرمان آهي تہ بندو نفلن جي ذريعي ترقي ڪندو رهي ٿو تان جو الله انجي اک بڻجي ويندو آهي جنهن سان هو ڏسي ٿو الله انجا هٿ بڻجي ويندو آهي جنهن سان هو ڪٽي ٿو الله انجا پير بڻجي ويندو آهي جنهن سان هو هلي ٿو ان حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ ذڪر جي ڪثرت سان بندي جو تن ۽ عضوا ذڪر ۽ تسبيح بڻجو وڃن. جنهن جو ذڪر شاھ صاحب هن بيت ۾ تن تسبيح جي لفظن سان ڪيو آهي. انڪان شاھ صاحب ان ڪامل ولي جي ٻي صفت جو ذڪر من مٽيو جي لفظن سان ڪيو آهي ان جو مطلب آهي تہ جيئن مٿي ذڪر ٿيو تہ ذڪر جي گھڻائي عبادت جي ڪثرت ڪرڻ ڪري هنن پنهنجي اندر کي گناهن غلاظتن کان بچائي انکي اجاري ۽ من کي چمڪائي مثل هيري مٽيو ڪري ڇڏيو آهي. الستي واعدي جي پاسداري ڪندي الله سائين وٽان مليل امانت روح کي گندگي کان بچائي پاڪيزه ۽ پوتر ڪري رکيو آهي.

ٽين صفت بيان ڪندي شاھ صاحب فرمائي ٿو

ذڪر جي گھڻائي ڪان دل دنبوري جيان پيو وڃي. دل جي هڪ هڪ ڌڙڪن مان الله پاڪ جو آواز پيو بڌجي. جنهن ڪري پاڻ عجيب مستي ۾ مخمور ۽ سرور واري ڪيفيت ۾ هوندا آهن. جنهن ڪيفيت کي پر وارا محسوس بہ ڪن ٿا ۽ فيضياب ٿين ٿا.

چوٿين صفت بيان ڪندي شاھ صاحب فرمائي ٿو.

انهن جي تند ۽ طنوار ۾ الله جي رضا ء خوشنودي مطلوب هوندي آهي. اهڙن الله وارن جي پنهنجي ڪا مرضي، آرزو، تمنا، پسند، ناپسند نہ هوندي آهي. اهي الله جي رنگ ۾ اهڙا تہ رنڱجي ويندا آهن جو پنهنجي هستي مٽائي فنا في الله جي مقام تي فائز ٿي ويندا آهن. شريعت تي هلڻ طبعيت وانگر آسان ۽ سهل لڳندو آهي.

پنجين صفت بيان ڪندي شاھ صاحب فرمائي ٿو.

اهڙن الله وارن کي خوشنما حويليون دنيا جون عيش عشرتون متاثر ناهن ڪري سگھنديون. شاھ جي چواڻي الله جي هيڪڙائي جو راڳ سندن رڳن ۾ ايترو تہ گھرو آهي جو هنن کي پاڻ کان وڏو ڪو ڏسڻ ۾ نٿو اچي خدا جي ڪبريائي انهن کي ايڏو تہ متڪبر بڻائي ڇڏيو آهي جو دنيا هنن جي نظر مان ڪري پئي آهي. پاڻ جهڙو بادشاھ ڪنهن کي سمجهن ئي نٿا.

ڇهين صفت ۾ شاھ صاحب فرمائي ٿو تہ اهڙن الله وارن جا ڏينهن تہ برڪتن وارا آهن پر جي سمهي بہ رهن تہ سڄي رات جاڳي ان ۾ بيهي عبادت ڪرڻ کان گھڻو بهتر آهن. جيئن جو حديث مبارڪ م اچي ٿو.

عالم جو سمهڻ عابد جي ساري رات عبادت ڪان بهتر آ

پيغام ڀٽائي ،رڪاوٽ ۽ موجوده دؤر

شاه عبداللطيف ڀٽائي—شعور جو شاهوڪار، سچائيءَ جو سڏ، سخاوت جي سنڀال، سندس بيتن ۾ بيداريءَ جي بغاوت آهي، سندس فڪر ۾ فيضان آهي، سندس شاعريءَ ۾ شفافيت ۽ شاگرديءَ جي شروعات آهي. ڀٽائيءَ جو ڪلام صرف ڪلام ناهي، اهو قيامت جي قيام تائين ڪامل رستو آهي، جيڪو روح جي روشنيءَ سان رستو ڏيکاري ٿو، دل جي ڌڙڪن سان ديس جي درد کي محسوس ڪري ٿو ۽ انسانيت جي اجالين سان انساني ارتقا کي اجاگر ڪري ٿو.

ڀٽائيءَ جو فڪر فقط فقيرن لاءِ ناهي، فقط فقراءَ جي فڪر لاءِ ناهي، پر اهو عالمن، عامين، اديبن، حڪيمَن، حڪمرانن، هر دور جي دانهين ۽ دردن سان جُڙيل انسانن لاءِ آهي. پر افسوس! فڪر کي فقط فن طور پيش ڪيو ويو. فڪر کي فقط فيسٽيول تائين محدود ڪيو ويو. فڪر کي فقط فيشن بڻايو ويو. فڪر کي کي فقط سالياني ميلي ۽ ڊاڪٽريٽ جي جي ڊگري تائين محدود ڪيو ويو ۽ اصل فڪر جي فيض کي فراموش ڪيو ويو.

فڪري فرياد اها آهي ته ٽي سئو ورهين کان پوءِ به شاه جي شاعريءَ جو شعورانه شرح نٿي ملي. شاگردن کي شاه جو سبق نٿو ملي، سنڌين کي سندس سچ نٿو ملي، ۽ مسلمانن کي سندس معرفت نٿي ملي. نظرياتي ۽ فڪري اختلاف به شاه جي ڪلام جي شهرت ۾ رڪاوٽ پيدا ڪئي، جيڪا پذيرائي شيڪسپيئر ۽ رومي کي ملي اها شاه جي فڪر کي نه ملي، ڇو ته شيڪسپيئر ۽ رومي جي دؤر ۾ انهن جي عوام بحيثيت مجموعي هڪ سوچ ۽ هڪ قوم هئي. ڪجه اديب چون ٿا ته شاه جو ڪلام قرآن سان نه ڳنڍيو پيا چون ٿا ته اهو سراسر قرآن جو ترجمو آهي. ڪي چون ٿا ته شاه علائقي شاعر هو. ڪي وري چون ٿا ته مولانا رومي سان ڀيٽڻ نه گهرجي، ۽ ڪن ته شاه جي سر ڪيڏاري جو انڪار ڪيو.

اهي سڀ الگ الگ فڪر جي فرقي جا خود فريبي آهن. اهڙا اختلاف فقط شاه جي عظمت کي گهٽائڻ جا گهاتا گهاوَ آهن. ڪنهن جو بيت کي سندس بيت نه مڃڻ، ڪنهن جو بيت جي معني کي متائڻ، ڪنهن جو وري بيت ۾ تحريف ڪرڻ، جنهن جي ڪلام ۾ ايترا اختلاف هجن ڇا اهو ڪلام عالمگيري حيثيت حاصل ڪري سگهندو. شاه جو ڪلام علاقائي ناهي، عالمگير آهي. شاه جو فڪر طبقاتي ناهي،حقيقي تبديليءَ جو ترجمان آهي.

شاه جي شاعريءَ ۾ ساگر جهڙي گهرائي آهي، سندس بيتن ۾ ظالم سماج لاءِ بغاوت به آهي،بيمار دماغن لاءِ بيداري به، گمراهن لاءِ بيان به،نيڪ نيتن لاءِ بندگي به، بصارت وارن لاءِ حقيقت به، ڳولينڌڙن لاءِ حيراني به. آهي. شاه رڳو رسالي جو راڳ ناهي، هو انساني رستي جي روشنيءَ وارو رهنما آهي. پر اسان وٽ شاه کي صرف سالانه ميلي، تحرير ،تقرير، ڊگري، ڊنر ۽ اجرڪ تائين محدود ڪيو ويو آهي. جيئن قرآن کي صرف فاتحن، نڪاحن، ۽ ختم جي رسمن تائين محدود ڪيو ويو.ساڳيوئي شاه صاحب جي ڪلام جو جڏهن روح سان رستو رُڪجي ويو ته سندس فڪر مان فيض وڃائجي ويو.

سوال اهو آهي ته ڇا ڀٽائي صرف بيتن جو باڪمال باني آهي؟ نه! هو ته تربيت جو توسيع ڪندڙ اخلاقي اوسر جو استعارو، قوم کي تعمير جي تعليم ڏيندڙ آهي. پر جڏهن يونيورسٽيون سائنس جي سونهن پويان لڳيون، سوشل سائنس کي سستو سمجهي ڇڏيو ته انسانيت ،اخلاق، اخلاص، ايمان،سڀ معدوم ٿي ويا.

اڄ جي دؤر ۾ انجنيئر، استاد، ڊاڪٽر، وڪيل ۽ آفيسر ته ملن ٿا، پر اهي جيڪي ايمانداري، اخلاص، اخلاق، ۽ انسانيت جا علمبردار هجن، اهي گهٽجي ويا آهن. تعليم علم ڏئي سگهي ٿي، ساڻن گڏوگڏ فڪر ڀٽائيءَ هجي

جي تو بيت پانيان

تہ انسانيت جي صحيح سمت ۾ تربيت ٿي سگهي ٿي. تنهن ڪري ضرورت آهي تہ شاھ جي فڪر کي اسڪولن، ڪاليجن، يونيورسٽين ۾ جي نصاب ۾ شامل ڪيو وڃي،شاھ جي بيتن مان باطني خزانا، ايماني تقاضائون، اخلاقي تعليمون، سماجي شعور، سياسي بيداري، ۽ ديني فلسفو اڀري ٿو. جيڪڏهن هن فڪر کي فيصلا ڪن قوت بڻايو وڃي، تہ هوند ملڪ مان مفاد پرستي، ۽ ماديت پرستيءَ جا جيڪي مرض ملڪ کي اڌوهي وانگر کائي رهيا آهن انهن جو خاتمو آڻي سگهجي ٿو. شاگرد صرف ڊگريءَ لاءِ نہ، پر ذميواريءَ لاءِ پڙهن. تعليم فقط ڪاغذن تائين نہ، پر قلبن تائين وڃي. تڏهن ئي شاھ جي بيتن جو اثر ظاهر ٿيندو.

ڀٽائيءَ جو بيت صرف ٻڪ ۾ نہ، بلڪ بيداريءَ لاءِ ٻُڪ آهي. سندس فڪر فقط فيض جو فلسفو ناهي، پر فلاحي فڪر جي فصيح زبان آهي. سندس بيتن ۾ سچ جو ساز، صبر جو سوز، سڪ جي سگھ، سچائيءَ جي سياست آهي. اگر شاھ جي بيتن کي بنياد بڻائي معاشري جي تربيت ڪئي وڃي تہ ڪو بہ ظالم،بي ايمان ،رشوتخور، ڌوڪو ڏيندڙ پيدا نہ ٿئي.

اڄ جو انسان بيحد ضرورتن، بي معني مقصدن، روحاني غلط رسمن ۾ ڦاٿل آهي. هو اکين سان ڏسڻ وڃائي ويٺو آهي، ڪنن سان ٻڌڻ وساري ويٺو آهي، دماغ سان سمجهڻ وڃائي ويٺو آهي. اهڙي معاشري کي ڀٽائيءَ جي فڪر سان فيض ملي سگهي ٿو جيئن سڪي ويل زمين کي ساوڪ ملي، جيئن اونده کي اجالو ملي.

اچو تہ شاھ جي شاعريءَ کي فقط شاعري نہ سمجهون، ان کي شعور بڻايون. ان کي پنهنجي سياست، سماج، ۽ سسٽم ۾ شامل ڪريون. ان جي روشنيءَ سان رستا روشن ڪريون. اچو تہ اختلاف نہ، اتفاق پيدا ڪريون. شاھ جو ڪلام فقط پڙهڻ لاءِ نہ، پر عملي شڪل ۾ پڌرو ڪرڻ لاءِ آهي.

آخر ۾ صرف ايترو چوندس:

شاھ جي شاعريءَ سان عشق ڪر،
فڪر سان فڪر ڪر،
روح سان روشني وٺ،
قوم کي ڪم ڪري ڏيکاءِ

تہ جيئن ڀٽائي جي فڪر سان ايندڙ نسلن کي نئون رستو ملي سگهي.

شاهہ ديسي سيڻ

بيت جي روحاني تشريح

ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين؟
لڏيو لاڏاٽا ڪيو پنهنجي ديس وڃن.
پڇاڻان پرين، ڪجي بس پنيور ڪان.

ديس جي دلدارن سان دل لڳائجي، ديس جي ڏاهن سان دوستي ڪجي، ديس جي دانائن مان ڏات حاصل ڪجي، ڇو تہ ديسي سيڻ سي ئي آهن. جيڪي الستي واعدي وقت ساڻ هئا. ساڃاهہ جا ستارا، سچ جا ساٿي، سک جي سگهہ ۽ سچائيءَ سان سندن ساهہ سلهاڙيل آهي. اهي اهلِ محبت، اهلِ حق، اهلِ دل آهن. جن جي دل الله جي ياد سان روشن، زبان ذڪر سان تر، ۽ نگاهہ نور سان ڀريل.

قرآن پاڪ جو حڪم آهي:

"اي ايمان وارو! تقويٰ اختيار ڪريو ۽ سچن سان گڏ رهو." (البقره)

سچن سان ساٿ رکڻ، دل جي دنيا کي روشنيءَ سان روشن ڪرڻ برابر آهي.

ديسي سيڻ ڪجن!

يعني ساٿ انهن سان ڪجي، جيڪي دل جا ديپ، حق جا حاڪم، ۽ رب جا راهي آهن. جن جي زندگيءَ جو مقصد فقط رب جي رضا آهي. جيڪي نفسانيت جي نڪتي کان پري، حرص جي هنج کان پاڪ، ۽ صداقت سان سرشار آهن. شاهہ صاحب فرمايو:

"مون جي ڏٺا ماءِ، جنين ڏٺو پرين کي."
ڪري نہ سگهان ڪا انيين سندين ڳالهڙي

اهڙا ماڻهو ئي ديسي آهن، دليون جن کي سجاڻن ٿيون، روح جن سان روشنيون لهن ۽ ساٿ جن جو سڪون بنجي پوي.

ديسي سيڻ ڪجن,اهی ج یڪي رب جي رضا جا راهي، سچ جي سنگت جا ساٿي، دل جي دنيا جا ڏٽي، باطن جي بيماري جا طبيب. اهلِ علم، اهلِ عرفان. جن جي صحبت ۾ سڪون، جن جي گفتگوءَ ۾ خدا، جن جي نگاهن ۾ نور.

پرديسي ڪهڙا پرين؟

پرديسي اهي آهن,جن سان ازل ۾ قربت نہ هئي,نہ ئي دل جي دنيا سندن زبان جي زينت آهي.ظاهر جا پلي ڪيترا بہ زيبور هجن پر اندر ۾ زهر اٿن.

اهي پرديسي پرين موسم وانگر بدلجندڙ,لفظن جا لاڏا، پر نفس جا ناٽڪ آهن. جيڪي مفادجامسافر,حرص جا مريض ۽ دنيا جي ڏيک ڏيکاءَ جا ڏوهاري آهن.نفس جا نوڪر، دنيا جو دوکو ڏيندڙ مفاد جا متوالا جن جي صحبت ضمير جو ساڙ جن جا لفظ زهر، جن جو ساٿ وڇوڙو جن جا ناتا نفس تائين محدود.

قرآن مجيد ۾ آهي.

ان ڏينهن سڀ دوست دشمن ٿي پوندا سواءِ متقي ماڻهن جي.الزخرف 67

اهڙا دوست,وقت جا واچوڙا ,هيٺن تي هوڏ,ظاهر منجهہ زاني ۽ اندر جا اجايا خام خالي آهن.

شاهہ صاحب جي سچي سر جي بيت جو بيان ۽ ان جي رمز کي سمجهڻ لاءِ روح کي روئاٽون پوي ٿو.

جي تو بيت پانيان

شاهه صاحب چوي ٿو پرديسي چريا بي حيثيت دنيا جنهن تي پنهنجي قيمتي زندگي خراب ڪري رهيا آهن ان بيوقوفن اصل الله جي قرب جي لذت چکي ناهي، جي ان مان ماسوٰ ملي وڃي، هوند پاڻ کي بادشاهه سمجهن، پر هي قليل فائدي حاصل ڪرڻ جي چڪر ۾ هميشه هميشه تباهه برباد ٿي ويا تڏهن چوي ٿو.

ڦريا پسي ڦيڻ ڪرين ڪير نہ چکيو.

دنيا ڪارڻ دين وڃائي ولها ٿيا.

اهي حقيقي پرديسي آهن,جيڪي دنيا جي دوکي ۾ قاٿل آهن,دل جي دنيا وڃائي ويٺا ۽ محبت کي مفاد بڻائي ويٺا.

شاهه صاحب اهڙن کي خبردار ڪري ٿو.

متو آهين مچ ٿلهو ٿيو ٿونا هٽي

جا تو ڏٺي اچ ,تنهن پاٽي پنا ڏينهڙا .

اها دنيا جي ڏيک فقط وڏو وڻ ٿي ڏيکاري، پر حقيقت ۾ ته اها ڇنل ڇانوَ آهي,سچ ته رب جي سچاٽپ ۾ آهي ,نہ ڪي سون جي سينگار ۾.

انهيءَ ڪري،

ديس وارن سان دل لاءِ،

پرديسين کان پري ٿي وڃ.

سچن سان سنگت ڪر،

ساجاهه جا سپنا ڏس.

ساٿ انهن جو ڪر،

جن جي صحبت ۾ شفا آهي،

جن جي سوچ ۾ سچ.

اهو ئي لطيف جو پيغام آهي.

"ماڻهوَ گهرن مال آئون، سڀ ڏينهن گهران سپرين.

دنيا تنهن دوست تان، فدا ڪريان في الحال."

ڪيس نانءِ نهال پسڻ تان پري رهيو.

عرفاني اخلاقي سبق:

اصلي تعلق فقط رب سان، باقي سڀ عارضي آهن. نفس جي ناجائز خواهشن کان پاسو دنيا داري کان جدا، تقويٰ جي راهه اختيار ڪري، اهلِ عشق سان سنگت ڪجي. محبت جي معرفت، ساجاهه جي سير، ۽ روح جي راحت، فقط انهن سان آهي، جيڪي ديسي آهن. ازل جا ساٿي، حقيقت جا همسفر آهن.

نتيجو:

جيڪي رب جي رضا جا راهي، سچائي جا ساٿي، دل جا دوست، تن سان زندگي گذارڻ دل لاءِ دوا آهي. باقي جيڪي پرديسي.

يعني مفاد پرست، وقت جا واچوڙا، تن کان پري هجڻ ئي فلاح آهي.

تنهنڪري، "ديسي سيڻ ڪجن" يعني رب جي راهه تي هلندڙن سان سنگت ڪجي، باقي "پرديسي پرين" کان پرهيز ڪجي.

شاھ ۽ تصوف

صوفي صوف مان مشتق آهي صوف معنيَ پشمينہ يا اون. چاڪاڻ تہ گذريل زماني جا صوفياء ڪرام ڪمبل يا اون جو سادو لباس استعمال ڪندا هئا. انڪري انهن جو نالو صوفي پئجي ويو. تصوف اهو آهي جو الله پاڪ توکي تو منجه ماري پاڻ کي زنده ڪري. انسان هڪ وقت ۾ ٻن جهانن منجه رهي ٿو. هڪ جسم ۽ ٻيو روح. پر چاڪاڻ تہ دنيا ۾ جسم روح تي حاڪم آهي انهي ڪري جسم جي تباھ ڪارين جي چڪر ۾ اچيو وڃي ۽ روح جي خوراڪ جي پرواھ نہ ڪرڻ ڪري مرده روح کي اندر ۾ ئي قبر کوٺي دفن ڪريو ڇڏي آهي. انسان اهڙو نادان آهي جو جيڪڏهن بدڪ جا بيضا مرغي هيٺيان ڦوڙڻ لاءِ رکبا آهن بدڪ جا ٻچا پيدا ٿي پنهنجي اصليت نٿا وسارين تہ مرغي جي پيدائش آهيان ان جا اوصاف هن ۾ اچن. پر اهي ٻچا پنهنجي اصلي ماءُ بدڪ وانگر پاڻي منجه ترن ٿا. پر انسان ارواح ۾ الله پاڪ سندس يادگيري جو وعدو ڪري آيو آهي. هن دنيا ۾ اچي الستي واعدو وساري ويٺو آهي.

شاھ صاحب فرمائي ٿو

الست بربڪم جڏهن ڪن پيوم.

قالو بلي قلب سين تڏهن تت چيوم.

تنهين وير ڪيوم وچن ويڙهيچن سين.

اسلام امن, عدل ۽ عبادت جو پيغام آهي ۽ تصوف, روح جي صفائي, دل جي درستي, ۽ ذات جي تزڪيي جو رستو آهي. ٻنهي جو سرچشمو هڪ ئي آهي: الله جي رضا ۽ محبت. جيئن نهر درياھ مان وهي نڪري ٿي, تيئن تصوف اسلام جي بحرِ معرفت مان جنم وٺي ٿو.

اسلام انسان کي ظاهر جي عبادتن, نماز, روزو, زڪوات ۽ حج جي حڪمن ذريعي پاڪ ڪري ٿو, تہ تصوف ان ظاهر جي پردي هيٺ لڪل باطن کي سڌاري ٿو. اسلام چوي ٿو تہ دل کي شيطان جي وسوسن کان پاڪ ڪر, تصوف چوي ٿو تہ دل کي صرف الله جي نور سان ڀري ڇڏ.

هڪ ملڪ ۾ چيني ۽ رومي رهندا هئا انهن جو ملڪ جي واڳ تان جهيڙو ٿيو بادشاھ فيصلو ڪيو تہ پنهنجي پنهنجي ڪاريگري جو فن ڏيکاريو ان لاءِ کين هڪ ڪمرو ڏنو ويو. مقرر وقت تي ڀرين رومين ڪاريگري ڏيکاري جنهن ڪمري جي ڀت تي ڦول پتيون گل ڪاريون تمام خوبصورتيءَ سان چٽيون وري ٻي طرف چيني ڪاريگرن پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو هنن ڀت کي چمڪائي مثل آئينو بڻايو هو. جڏهن بادشاھ آيو وچ مان پردو ڪنيو ويو تہ رومين جا نقش نگار چينين جي ڀت تي ڏسڻ م آيا دراصل جهڳڙو پردي جوئي هيو. پردي ڪجندي رومين جا نقش نگار چينين جي آئينہ بنايل ديوار ۾ نظر اچڻ لڳا. حق تعالي بادشاھ آهي. انسان بند ڪمرو مولوي رومي ڪاريگر جو شريعت جي تابعداري ڪرائي انسان جي ظاهري عضون تي نقش نگار ڪري ٿو. صوفي چيني ڪاريگر جو الاالله جي ضربن ذريعي دل کي صاف مثل آئينو بڻائي ٿو. بس ساھ جو پردو آهي. جڏهن هن زندگي جو پردو ختم ٿيو تہ ۽ مولوي جا ڪيل نقش نگار دل جي صاف آئينہ ۾ نظر اچڻ لڳا.

مولوي مسائل سمجهائڻ وارو صوفي باطني منزلون طئہ ڪرائڻ وارو. مولوي صاحب قال صوفي صاحب حال. مولوي ظاهري شريعت جو امام صوفي طريقت جو امام. عضوا ٻن قسمن جا آهن . هڪڙا ظاهري جيئن هٿ,پير ٻيا باطني دل دماغ

جي تو بيت پانيان

ظاهري عضون جي اصلاح ڪرڻ وارو مولوي باطني عضون جو سڌارو ڪرڻ وارو صوفي. مولوي جنهن تي اطاعت غالب هجي صوفي جنهن تي عشق غالب هجي. مولوي اهو جيڪو عبادت جو قالب تيار ڪري صوفي اهو جيڪو عبادت لاءِ تيار ٿيل قالب ۾ روح ڦوڪي.

قرآن مجيد ۾ آهي:

الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ چوي ٿو:

> "قد أفلح من زكاها"

(بيشڪ ڪامياب ٿيو جيڪو پنهنجي نفس کي پاڪ ڪري.)

(سورة الشمس: 9)هيءَ ئي تصوف جو اولين سبق آهي: نفس جي خواهشن کان روڪڻ

صوفي چائين سڏ ڪرين صوفي ايٰ نہ صلاح.

ڪاتي وجه ڪلاه هڻ اڇلي اڳ ۾.

يعني اسلام تصوف کي هموار ڪندو آهي، ۽ تصوف اسلام کي زندگيءَ جي گهرائين ۾ لهڻ جو ذريعو بڻائيندو آهي.

نبوي مثال:

نبي ڪريم ﷺ جو فرمان آهي:

> "إن الله لا ينظر إلى صوركم ولا إلى أجسامكم، ولكن ينظر إلى قلوبكم وأعمالكم"

(الله اوهان جي صورتن يا جسمن کي نٿو ڏسي، پر اوهان جي دلين ۽ عملن کي ڏسي ٿو.)

(مسلم شريف)

هي حديث ظاهر ۽ باطن جي توازن جي دعوت ڏئي ٿي، جتي تصوف دل جي صفائيءَ کي اسلامي تقاضائن سان جوڙي ٿو.

ڪلاه رکي ڪنڌ تي تہ صوفي سالم ٿين.

وه وٺي هٿ ڪري پر پيالو پئ.

هنڌ تنين جو هي حاصل ڪيو حال ڪي.

صوف جي معنوي تعبير:

تصوف ڪو نئون دين ناهي، نہ ئي ڪو مذهبي فرقو پر اهو اسلام جي روحاني تعبير آهي، جيڪا بندي کي بندگيءَ جي اوچي درجي تائين وٺي وڃڻ جو وسيلو آهي. حضرت جنيد بغدادي رحہ فرمايو:

> "تصوف اهو آهي تہ تون الله سان اهڙي حالت ۾ رهي، جڻڪ تون الله کي ڏسي رهيو آهين."

اهو تعريف، حديثِ جبرئيل ۾ بيان ڪيل "احسان" جي شرح آهي، جيڪو اسلام جي ٽن بنيادن مان هڪ آهي: اسلام، ايمان ۽ احسان.

شاه عبداللطيف ڀٽائي، سنڌ جو صوفي شاعر، اسلام جي تعليمات کي تصوف جي شاعراڻي زبان ۾ بيان ڪيو.

صوفي لا ڪوفي ڪو نہ پانين ڪير.

جي تو بيت پانيان

منجهائين منجه وڙهي پڌر ناهيس پير.

جنين ساڻس ويرُ ٿئي تنين جو واهَرُو

هتي سچ الله جو رمز آهي، ۽ سالڪ جو ساهہ تڏهن سچي ٿو جڏهن سندس اندر خالصي اچي.

اسلام ۽ تصوف جو تعلق هڪ گلشن ۽ خوشبوءَ جيان:اسلام گل آهي، ۽ تصوف ان جي خوشبو. گل جو وجود ضروري آهي، پر خوشبو بغير گل بيڪار آهي. اسلام ۽ تصوف جو چولي دامن جهڙو تعلق آهي.. جڏهن ٻئي گڏ ٿين ٿا، تڏهن انسان مڪمل مسلمان ۽ سچو سالڪ بڻجي ٿو.

معاصر تناظر ۾ ضرورت:

اڄ جي دور ۾، جتي دين کي صرف رسم و رواج ۾ محدود ڪيو ويو آهي، تصوف جي لطافت، انسانيت جي خدمت، محبت، برداشت، ۽ سچائيءَ کي ٻيهر اجاگر ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڇو تہ تصوف دلين کي جوڙي ٿو، نفس کي مات ڏئي ٿو ۽ الله جي قرب جي راهہ هموار ڪري ٿو.اسلام ۽ تصوف ٻن مختلف راهن جا مسافر نہ آهن، پر اهي هڪ ئي قافلي جا همسفر آهن، جن جو مقصد الله جي رضا، خلقِ خدا جي خدمت، ۽ روح جي نجات آهي. جڏهن اسلام جي شريعت ۽ تصوف جي طريقت گڏ ٿين ٿا، تڏهن حقيقت جي راهہ روشن ٿيندي آهي، ۽ انسان حقيقي مسلمان بڻجي ٿو.

تصوف: نفساني تباهڪاريءَ جو علاج آهي.جتي جديد دور ۾ ماڻهو نفسياتي دٻاءَ، خودغرضي، حسد، غصي، لالچ، ۽ ٻي حسيءَ جو شڪار ٿي رهيو آهي، اتي تصوف اهڙو آئينو آهي، جيڪو انسان کي سندس اندر جي خرابي ڏساري، ان جي اصلاح جي تلقين ڪري ٿو.نفساني تباهڪاريءَ جي جڙ: "نفسِ اماره"

قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

> "إن النفس ل أمارة بالسوء إلا ما رحم ربي"

(بيشڪ نفس بڇڙائيءَ جو حڪم ڏيندو آهي، سواءِ انهن جي جن تي منهنجي رب جي رحمت آهي.)

(سورة يوسف: 53)

تصوف انهيءَ نفسِ اماره جي سڌاري لاءِ "مجاهده"، "رياضت"، "تزڪيہ" ۽ "مراقبي" جا رستا پيش ڪري ٿو. جتي دنيا نفساني خواهشن جي غلاميءَ ۾ قائل آهي، اتي صوفي چوي ٿو:

صوفي صاف ڪيو ويهي ورق وجود جو.

توهان پوءِ ٿيو پسڻ ڏاران پرين جو.

> "من عرف نفسہ فقد عرف ربہ"

(جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو تنهن پنهنجي رب کي سڃاتو.)

شاهہ صاحب فرمائي ٿو پنهون پنهون ٿي ڪريان آئون پنهون پاڻ.

اديون ٿيس اڇاڻ جو ڪين پروڙيم پاڻ کي.

تصوف جون نفس تي ضربون ،تصوف جي تعليمات نفساني تباهين کي هن ريت روڪين ٿيون:

صورت کان وڏيڪ سيرت ڏانهن شاهہ صاحب ڏيان ڏيندي چوي ٿو.

صورت گهڻا سهڻا ناڻان سندن توهہ

ريلو ڏئي روح جو ڪائي سو ڪامي مري

جي تو بيت پانيان

صوفي "فنا في الله" جي تعليم ڏئي ٿو يعني پنهنجي ذات کي مٽائي، الله جي رضا ۾ راضي ٿي وڃڻ. جڏهن انسان پنهنجي هئڻ کي مٽائي ٿو تہ سيرت جي تعمير ٿئي ٿي.

هو چوندي تون م چئو واتان ورائي ويڻ.
سيني سين سيد چئي من ماري ڪري ميڻ.
ڪاند وڏيائي ڪيڻ ڪيني منجهان ڪين ٿئي.
رياء ۽ ڏيکاءُ:

شاهہ صاحب فرمائي ٿو.

جان جان پسين پاڻ کي تان تان ناهي نماز.
سڀ وڃائي ساز تهان پوءِ تڪبير چئو.

تصوف ريا ڏيکاءُ کي الله سان شريڪ ٿو سمجهي جيڪو روحاني ترقي ۾ وڏي رڪاوٽ پيدا ڪري ٿو

حسد ۽ ڪيني جو علاج:

شاهہ صاحب فرمائي ٿو.

هو چوندءِ تون م چئو واتان ورائي.
اڳ اڳرائي جو ڪري خطا سو کائي.
پاند م پائي ويو ڪيني وارو ڪينڪي.

صوفي دل مان نفرت ڪڍي محبت پيدا ڪري ٿو. هو هر انسان کي خدا جو بندو سمجهي ٿو ۽ ساڻس بهتر سلوڪ سان پيش اچي ٿو. شهوت پرستيءَ جو علاج:

صوفي پنهنجي نفس کي روزو، عبادت، ۽ ذڪر الله سان قابو ڪري ٿو. هو پنهنجي نگاهہ زبان، ۽ خيال کي بہ پاڪ رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

شاهہ صاحب چوي ٿو:

لائي خنجر لا جو هن خچر کي هڻ.
سڏن جيون سيد چوي وٺيون سڀ وڪڻ.
پيير پروڙي کڻ، تہ هلڻ ۾ هوري هلين. شاهہ
اخلاص ۽ سچي نيت.

شاهہ صاحب فرمائي ٿو.

آدمين اخلاص مٽائي مانو ڪيو.
هاڻ ڪائي سيڪو ماٺو سندو ماس.
دلبر هن دنيا ۾ وچي رهندو واس.
پيو سڀ لوڪ لباس ڪو هڪدل هوندو هيڪڙو.

جتي نفسياتي دوائون دماغ تي اثر ڪن ٿيون، اتي تصوف دل تي ڪم ڪري ٿو. اهو اندروني نور پيدا ڪري ٿو جيڪو خود احتسابي، توبہ، عاجزي ۽ محبت جي جذبي سان نفس جي خطرناڪ حملن کان بچائي ٿو.

شاهہ صاحب نفس کي فريب ڏيندڙ مڪار دشمن سڏيو جيڪو دوست جي ويس ۾ اچي ٿو. تصوف انهيءَ فريب کي سڃاڻڻ جي دانائي ڏئي ٿو.

جي تو بيت پانيان

عمل جي راهہ

تصوف صرف ڪتابن جي ڳالهه ناهي. هي عمل، مجاهدو، ذڪر، فڪر، ۽ مرشد سان تعلق جو رستو آهي. جيئن تہ:

ذڪر الله: دل جي زنگ کي صاف ڪري ٿو.

خدمت خلق: نفس جي خودغرضي ختم ڪري ٿو.

توبہ ۽ مراقبو: نفس جي نفساني هوا کي مات ڏئي ٿو.

اڄ جي نفسياتي ۽ معاشرتي بحرانن جي زماني ۾، تصوف هڪ اهڙو ساهہ بخش علاج آهي، جيڪو انسان کي صرف عبادتگذار نہ، پر باطن جو روشن سالڪ بڻائي ٿو. تصوف سان جڙيل انسان، نفس جي تباهڪارين کان بچي سگهي ٿو.اڄ جو دؤر ڏسجي تہ ظاهري روشنيءَ سان روشن پر باطني اونده سان ڀريل لڳي ٿو. نفس، لالچ، حرص، حسد، شهوت، ۽ غرور جهڙا اندر جا اوندها پاڇا انسان جي اندر پڪڙجي ويا آهن. مشينن جي تيزيءَ سان هلندڙ دنيا ۾، ماڻهو دل جي سڪون لاءِ پاڻ پٽيندو ٿو ڏسجي، پر اطمينان ڪيس ڪٿي نٿو ملي. دل تي بار، دماغ تي خناس، زبان تي زهر، ۽ روين ۾ زوال اچي ويو آهي. ان سڄي افراتفريءَ، نفسانفسيءَ ۽ خودغرضيءَ جي ماحول ۾ تصوف، هڪ ساهہ هڪ سڪون، هڪ سچو رستو آهي، جيڪو انسان کي پاڻ ڏانهن، رب ڏانهن، ۽ حقيقت ڏانهن وٺي ٿو وڃي.

تصوف، تن کي تسيا، پر من کي ماري ملهائڻ جو فن آهي؛ هيءَ روح جي راهداري آهي، جتي نفس جا زنجير ٽوڙيا وڃن ٿا. تصوف، محض ورد يا وظيفو نہ، پر ذات جي صفائي، سچائيءَ جي سگهہ ۽ عشق جي اصل راهہ آهي. جڏهن دنيا جي دوڙ ۾ انسان ٿڪجي پوي ٿو تڏهن تصوف ڪيس چوي ٿو تہ "بيزار نہ ٿيءُ، تون تہ رب جو راز آهين."

صوفي بزرگن جا قول، انهن جو ڪردار، سندن فڪري تعليم، سندن دعا، سڀ ڪجهہ اڄ جي دور ۾ چراغِ راهہ بڻجي سگهن ٿا. شاهہ لطيف، سچل، بلهي شاهہ مولانا روم ۽ فيض حيدري جهڙا اهلِ دل، پنهنجي بيتن، شعرن ۽ فڪر سان انسانيت کي اها راهہ ڏيکاري، جتي نفس ناهن، صرف نياز آهي؛ جتي لالچ ناهي، پر لطافت آهي؛ جتي نفرت ناهي، پر محبت آهي؛ جتي ظلم ناهي، پر زهد آهي.

تصوف جي تعليم جو خلاصو آهي تہ: "جي دل صفا نہ ٿيندي، تہ عبادت بہ رياڪار ٿيندي. جي زبان مٺي پر دل ساڙي، تہ ان مان نور نہ نڪرندو."

هيءَ تعليم ڪنهن قوم، ملت، يا مذهب جي محدود دائرن اندر نٿي اچي، بلڪ هي تہ سڄي انسانيت لاءِ هڪ آفاقي پيغام آهي.

اڄ جي معاشري کي جيڪڏهن وري محبت، اخلاص، معافي، ۽ قربانيءَ جي راهہ تي آڻڻو آهي، تہ ان جو واحد علاج تصوف جي تعليم آهي. نہ تہ نفسانفسيءَ جي هن دؤر ۾، ماڻهو پاڻ کي وڃائيندو ۽ پوءِ پاڻ سان گڏ سڀ ڪجهہ وسائيندو.

تصوف دل تي رب جو نور آهي، جيڪو ظاهري ڏيک کي نہ، پر باطن جي اصل کي نروار ڪري ٿو. اڄ، جڏهن انسان ڏيان، دل ۽ دُعائن کان پري ٿي ويو آهي، صوفي چوي ٿو

"تون مسافر آهين، منزل نہ بازار ۾ آهي، نہ اقتدار ۾، نہ زر ۾... منزل رب جي رضا ۾ آهي، جيڪا رڳو اخلاص، عاجزي، ۽ عشق سان ملي ٿي."

جي تو بيت پانيان

انهيءَ ڪري اڄ جي دؤر ۾ تصوف جي ضرورت، گُذريل وقت کان بہ وڌيڪ آهي، ڇاڪاڻ □ تہ اڄ ماڻهو ترقيءَ جي چوٽيءَ تي آهي، پر اخلاق جي تہ ۾. تصوف ئي آهي، جيڪو کيس هيٺان کٽي وري مٿي چڙهڻ سيکاري ٿو. دل مان شروع ڪري، رب تائين پهچڻ جو سفر ڏيکاري ٿو.

شاھ ڀٽائي ۽ وڻ ٽڻ وائي

سائنسي ۽ روحاني شرح

جر ٿر تک تنوار وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي،

سڀئي شيءَ ٿيا سوري سزاوار

هم منصور هزار ڪهڙا چاڙهيو ڪهڙا چاڙهين.

.وحدت الوجود فقط فڪر جو فريب نہ، پر وجود جي ويرانيءَ ۾ وسندڙ وھڪرو آهي، جيڪو شاهہ لطيف جي شاعريءَ، قرآن پاڪ جي آيتن ۽ سائنس جي سچائيءَ سان پاڻ ۾ واسطو ويجهو آهي. جڏهن واحد جي وائي، وڻن، ٽڻ ۽ واهن ۽ وسندين ۾ نظر اچي، تڏهن "وحدت الوجود" جي فقط وائي نہ، بلڪ حق جو خلق تي پرتو آهي.

شاهہ لطيف چوندو آهي:

جر ٿر، تک، تنوار، وڻ، ٽڻ، وائي هيڪڙي،

سڀئي شيءِ ٿيا، سوري سزاوار.

هي بيت "وحدت جي وجود" جو ويرانين مان وهندڙ واضح اعلان آهي. ڪائنات جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جڏهن هڪ ئي حقيقت جي حرڪت محسوس ٿئي، تڏهن هر شيءِ "هو" تي وڃي ٿي.

وحدت، وحيءَ ۽ افقي واعدو آهي:

"هو اول آهي، هو آخر آهي، هو ظاهر آهي، هو باطن آهي." (الحديد: 3)

هي آيت وجود جي وحدت جو وٽڪارو آهي، جنهن مان وجود جا وڻ، وٽجار، وٽن وانگر پکيڙجي ٿي. الله جي وجود جي وسعت، وقت، جاءِ ۽ طرف ۾ سمائجي ٿي. صوفي چون ٿا تہ خدا جا جلوا، سمنڊ،ريگستان بيابان جي هر ذرڙي ۾ظاهر آهن. وحدت جي وِڇندڙ وائي ۽ سائنس جو بيان بگ بينگ سان ٻڌل آهي، جتي واحد نڪتو بگ بينگ مان وقت، جاءِ، مادو ۽ توانائي جا وهڪرا ڦٽجي نڪتا. صوفي چون ٿا: "ڪن ٿيو، تہ سڀ ٿيو." سائنس چوي ٿي: "بگ بينگ ٿيو تہ ڪائنات ٿي. "بگ بينگ اهو سائنسي تصور آهي جنهن مطابق هڪ گرم نڪتي singular point مان ڪائنات ڦاٽي نڪتي.ٻنهي بيانن جي بنياد، هڪ نڪتي مان ڪثرت ۾ تبديل ٿي وئي. وسعت جي نتيجي ۾ آسمان،ستارا، گئليڪسيون ۽ذرتي وجود ۾ آيا.

قرآن مجيد ۾ آهي:

پوءِ توهان جنهن طرف بہ منهن ڪيو الله جو چهرو (وجود) آهي.بقره 115

وحدت جو وهڪرو وڄ وانگر، ڪثرت جي وائي ٻڌجي، ڪائنات جي وجود ۾ واهپجي ٿو.

وحدت تان ڪثرت جا حياتياتي حوالن ۾ ملي ٿي

ڊي.اين.اي.جي دريافت ظاهر ڪري ٿي تہ زندگيءَ جي جوڙجڪ ۾ وحدت آهي.ڊي اين اي طيءِ ڪري ٿو تہ ,ڪنهن جاندار جا وار ڪيئن هوندا، اکين جو رنگ ڪهڙو هوندو ،بيماريون ورثي ۾ ڪيئن وينديون. انسان، وڻ، پکين، سڀني جي حياتياتي نقشي ۾ 95٪ سان مشابهت آهي. اها ڳالهہ "وحدت جي وهڪاري تشڪيل" جو ثبوت آهي. صوفي چون ٿا: "خدا جو عڪس، سڀني وجودن تي ظاهر آهي." سائنس ان ڳاله کي تجربن سان تسليم ڪري ٿي.

جي تو بيت پانيان

ڪوانٽم فزڪس چوي ٿي تہ ذرو حرڪت روين,خاصيتن کي سمجهي ٿو.ڪوانٽم ٿيوري مطابق بہ ذرڙا ڳنڍيجي سگهجن ٿا, جو هڪ جو اثر ٻئي تي فورا پوي ٿو.هڪ ئي وقت ڪيترين جڳهن تي ٿي سگهي ٿو, مشاهداتي تبديليءَ سان ان جي حيثيت بدلجي ٿي. صوفي چون ٿا تہ "وجود, مشاهدي جو منظر آهي." يعني وحدت جو واهپو معنيٰ سان مشروط آهي, جاءِ سان نہ. ساڳيوئي شاه صاحب فرمائي ٿو.

لهرن لک لباس ,پاڻي پسڻ هيڪڙو.

اونهي ته عميق جي واري ڇڏ وياس.

جت ناه نهايت نيه جي کوءِ ات پهچي ڪاس.

تڙن جي تلاس لاه نہ لالڻ لڳ ٿيين. شاه

سمنڊ جون ڇوليون ۽ سورج جي وائي هڪ آهي, روشني هزار. پر هر روشني سورج جي ذات جو عڪس آهي. وحدت الوجود بہ ائين ئي آهي: ذات هڪ, تجليون بيشمار.

جيئن شاه لطيف چيو:

وحدت تان ڪثرت ٿي,ڪثرت وحدت ڪل.

حق حقيقي هيڪڙو ٻوليءَ ٻي مر ڀل.

هو هلاچو هل,بالله سندو سڄڻين. شاه

يعني, وحدت جي وائي جيان, محبوب جي موجودگيءَ جو احساس هر دم محسوس ٿيندو آهي.

وحدت ۽ عڪس:

صوفي چون ٿا تہ انسان, خدا جو عڪس آهي. عڪس, اصليت کان جدا نہ, بلڪ اُن جي جلوه جو جمال آهي. جيئن تون آئيني ۾ پنهنجو چهرو ڏسين ٿو تيئن هر انسان ۾ خدا جي صفات چمڪندي نظر اچن ٿيون .رحمت, حڪمت, علم. اهو ئي عڪس, وحدت جي وجودي واعدي جو عڪاس آهي.

وحدت فنا کان وصال:

وجود جي واٽ, وحدت جي وجد تائين ويندي آهي, جتي "هو" ئي باقي رهي ٿو. باقي سڀ ڪثرت, وهم ۽ وقتي آهن. فنا, فڪر جي فاصلن کي ختم ڪري, ذات جي زاوين تائين وٺي اچي ٿي. اتي ئي وحدت, واعدي سان وڃندي, وجود جي وسيع حقيقت کي واڪو ڪري ٿي.

شاه قرآن ۽ سائنس—وحدت جي واهپي جا ساٿي ۽ هم آهنگ آهن. شاه لطيف جي بيتن ۾ وحدت جو وائي, قرآن جي آيتن ۾ وحدت جي ڪثرت ۽ سائنس جي تجربن ۾ وحدت جي واهپي جو اظهار ساڳي حقيقت کي بيان ڪري ٿو. سائنس, وحي ۽ لطيف هڪ ئي وحدت جا وارث آهن.

آخر ۾:

وحدت الوجود جي فڪر نہ بلڪ فڪر کان اڳيان فلڪ آهي. جتي "هو" اول بہ آهي, آخر بہ, ظاهر بہ آهي, باطن بہ. سائنس جي توانائي, صوفي جي نور, ۽ شاعر جي وائي سڀ هڪ ئي وحدت جي وجودي فلسفي جا مظاهر آهن. جتي وجود جي واهپو وحدت جي وصل ۾ تبديل ٿئي, اتي ئي ذرو ذرو ذات جي زباني ڳالهائڻ لڳي ٿو.

جي تو بيت پانيان

ڇا ڀٽائي هر فن مولا هو؟

شاهه جي شاعري، علمن جي جهان جيان آهي، جنهن ۾ نظم جي نڪتن سان سائنس جي صداقت، تصوف جي توصيف سان روشنيءَ جي طلب، ۽ سنڌ جي ساهتيه ۾ زندگيءَ جي مڪمل تصوير پسي سگهجي ٿي. اهو سوال ته "ڇا شاهه عبداللطيف هرفن مولا هو؟" محض سوال نه، پر هڪ فڪري سفر جو آغاز آهي، جيڪو لطيف جي لاٽيل لوڪ ادبي خزاني جي معنويت، وسيعيت، ۽ فني سچائيءَ کي اجاگر ڪري ٿو.

شاهه عبداللطيف صرف شاعر نه، پر لسانيات جو لطيف عالم به هو. هن ٻوليءَ جي باريڪين، نڪتن، آوازن، ۽ نحوي ڍانچيءَ تي ايترو فڪر ڪيو جو سندس بيتن مان سنڌي گرامر جا اصول ڳولهي سگهجن ٿا. هن پنهنجي ٻوليءَ تي فخر ڪندي، ان جي ناقدري کي غلامي سان تعبير ڪيو جيڪو قومي شعور جي جاڳرتا جو اعليٰ مثال آهي.

جتي جنگ جو ذڪر ٿو ٿئي، اتي لطيف جرنيلن جو ڳاٽيتو ڪري ٿو. سندس سُرن ۾ وڙهندڙن جي واڪا، ڀاڪر ۽ ڀالن سان وڙهندڙن جا واقعا، ۽ وطن تي قربان ٿيندڙن جي ڪهاڻيون ڏسجن ٿيون. هي رڳو شاعراڻو تخيل نه، پر هڪ جنگي حڪمتِ عمليءَ جو پرتو به آهي.

موسميات جو ماهر، لطيف انهن موسمن، هوائن، طوفانن، ۽ فضائي تبديليءَ جو ذڪر ڪري ٿو جيڪي اڄوڪي موسمياتي سائنس لاءِ به دلچسپ مواد آهن. سسئيءَ کي جبلن جي هوا جو حال ٻڌائڻ، يا سامونڊي طوفان کان اڳواٽ خبردار ڪرڻ، لطيف جي موسمي علم جي شاهدي آهي.

لطيف جو ڪلام فلڪيات جي فضا تائين رسائي رکي ٿو. آسمان جا انيڪ تارا، ڪروڙين ڳڙڪيون، سج، چنڊ، ۽ ڪائنات جون رمزون سندس بيتن ۾ ائين جهلڪن ٿيون، ڄڻ ڪو ماهر فلڪيات سندن ذڪر ڪري رهيو هجي.

سمنڊ جو شعور، بحر جي بيڪران ڳالهين سان گڏ، لطيف جي بيتن ۾ موجزن آهي. هو سامونڊي جيوت، مڇين جي قسمن، ناياب موتين، ۽ پاڻيءَ جي قدرتي حرڪت تي جيڪي نڪتا بيان ڪري ٿو ته ان مان ظاهر آهي ته هو علم البحر جو محقق به هو.

جبلن جو جهانديده، لطيف پنهنجي سُر سسئي ۾ جابجا جبلن جي بناوٽ، اونهاين، رستن، ۽ زمين جي بناوٽن بابت ايتري وضاحت سان بيان ڪري ٿو جو جديد ماهر به سندس ان مشاهدي کي سلام پيش ڪري.

عشق جو عاشق زهرپياڪ، لطيف عشق جي ع کان ش تائين جي سموري رُوحاني ڪائنات کي ڳولي ٿو. سندس بيت صرف محبت نه، پر عشقِ حقيقي، درد، فراق، وصال، ۽ فنا في الله جي معراج تائين رسن ٿا.

مذهبي عالم جي حيثيت سان، لطيف فرض، نفل، روزو، نماز، حج، ۽ زڪوة کان وٺي تصوف جي گهرائين، وحدت الوجود جي رمز ۽ انسان جي ابداليت جي ڳالهه ڪئي آهي. سندس بيتن ۾ فقهي بصيرت، اخلاقي آگاهي، ۽ روحاني روشني صاف محسوس ٿئي ٿي.

شاهه لطيف جانورن کان پلي پت واقف هو. هن نانگ، ڪونج، باز، ڪنڌي مينهن، اُٺ، گهوڙا، ۽ ٻين ڪيترن جاندارن بابت اڻ ڳڻيون تشبيهون، فطري عادتون، ۽ سندن علامتن کي استعمال ڪيو جيڪي فقط شاعر نه پر فطرت جي ماهر جي حيثيت سان به کين اجاگر ڪن ٿا.

جي تو بيت پانيان

اسلام جو مبلغ، لطيف پنهنجي ڪلام ذريعي موت، قبر، حشر، ۽ اخرت جي حساب ڪتاب کي بيان ڪري، ماڻهن کي حقيقت جي راهه ڏيکاري ٿو. هو خدا جي وحدانيت، نبيءَ جي رسالت، ۽ انسانيت جي سچائيءَ سان رهنمائي ڪري ٿو.

لطيف جي بيتن مان رهنمائي، اڳواٽي، ۽ قومي سجاڳيءَ جا جذبا ڦٽن ٿا. هو قوم کي ننڊ مان جاڳڻ، سستي ڇڏي ٽٽي ٽڏي ڪاهه هلڻ جو درس ٿو ڏئي ۽ سپني کي هڪ قوم تي گڏ هلڻ ۽ پاڻ ۾ پرت نه ڇنڻ جو سبق ڏئي ٿو.غفلت کي ترڪ ڪري مسلسل محنت ۽ جدوجهد ذريعي سلطاني سهاڳ ملڻ لاءِ رهنمائي ٿو ڪري. پنهنجي سڃاڻپ لاءِ جاڪوڙ ڪرڻ جو پيغام ڏئي ٿو. هو رڳو ليڊر نه، پر فڪري انقلابي به آهي.

نفسيات جو نبض شناس، لطيف قوم جي نفسياتي الجهنن کي سمجهي، سندن دلي بيمارين جو علاج شاعراڻي بيتن سان ڪيو. سندس بيت ذهني بيمارين لاءِ اُميد جو الهام بڻيا.

سياحت سندس سير جو جوهر هو. ڪڏهن واهڻن ۾، ڪڏهن جبلن تي، ڪڏهن رڻ ۾، ڪڏهن سمنڊ تي، ڪڏهن ماروئڙن جي محفلن ۾، ته ڪڏهن جوڳين سان، لطيف جي زندگي هڪ علمي، فڪري، روحاني، ۽ ثقافتي سير هئي.

شاهه جو ڪلام لوڪ هنر، ڌنڌن، ۽ ماڻهن جي روزمره حياتيءَ تي بنياد رکي ٿو. ڪوري، ڪاسائي، ڪاتب، سوداگر، رنگريز، ملاح، سونار، وينجهار، ڪنيار، ۽ ٻين اڻ ڳڻين ڌنڌن بابت سندس مشاهدو سندس علمي تنوع جي گواهي ڏئي ٿو.

اهو سڀ ڏسڻ بعد سوال ئي نه ٿو رهي، بلڪ يقين بڻجي ٿو ته شاهه عبداللطيف واقعي هرفن مولا هو. هو شاعر ته هو ئي، پر ساڳئي وقت هڪ دانشور، ڏاهو صوفي، فلسفي، سائنسدان،ماهر نفسيات، مبلغ، سياح، ۽ قوم جوسچو پڪو رهنما به هو.

لطيف فقط سنڌ لاءِ ئي نه، انسانيت لاءِ فخر جو فڪر آهي.

ڀٽائي ۽ حضرت محمد ﷺ

شاه عبداللطيف ڀٽائي جو ڪلام پڙهندي قلمي دل جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ نبي پاڪ حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي عاشقانہ محبت جون لهرون اٿڻ لڳن ٿيون. ڀٽائي جي بيتن مان پڌرو ٿئي ٿو تہ پاڻ سڳورن جي عظمت، سونهن، سيرت ۽ سچائيءَ تي سندن ايمان اٿاهہ عقيدو بي مثال ۽ عشق بي پناهہ هو. سندس شاعري ۾ نبي پاڪ لاءِ جذبات جو اظهار رڳو روحاني نہ، پر هڪ عاشق جي نياز سان ڀريل، نرالو ۽ ويراڳي طرز جو آهي.

شاه صاحب، پاڻ سڳورن کي مديني جو گهوٽ، سردارين جو سردار، مٺو مرسل،ڪائنات جو ڪارڻ، رحمت اللعالمين، هادي هاشمي، رهبر، حبيب، طبيب سڏيندي سندن نالي محمد سان سڪ ۽ عقيدت جو اظهار ڪري ٿو. سندن لفظن مان عاشقانہ للڪار سان گڏ روحاني رچاءُ بہ ظاهر ٿئي ٿو.

ڀٽائي پنهنجي شاعريءَ ۾ نبي پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي ولادت کان اڳ واري سماجي بگاڙ کي بہ بيان ڪيو آهي. هو ظلم، جاهليت، نياڻين جي جيئري پورجڻ ۽ انساني غلاميءَ جي دؤر کي نندينديءَ ٿو چوي:

"برو هو ڀنيپور اچي آرياڻي اجاريو
لاٿو سڀ لوڪ تان، هاڙهي ڏٽي هور
چوريون چرڻ سکيون، پنهون ڪيائون پور
آيو سو اتور، جنهن ڏکيون ڏک ويهاريون"

ڀٽائي عقيدي جي روشنيءَ ۾ بيان ڪري ٿو تہ نبي پاڪ جي نور کي الله سائين ڪائنات جي تخليق کان اڳ ئي پيدا فرمايو:

"نڪا ڪن فيڪون هئي، نڪا مورت ماه
نڪا سڌ ثواب جي، نڪو غرض گناه
هيڪائي هيڪ هئي، وحدانيت واه
لکيائين ٿي لطيف چئي، اُت ڳجهاندر ڳاه"
روح ۽ ارواح ساڃاهہ ات سپرين

پاڻ سڳورن جي دنيا ۾ اچڻ تي عرش ۽ فرش تي ملڪ،مخلوقات جن خوشي ڪرڻ کي ڀٽائي پيلاري ان جي عڪاسي ڪندي چيو اٿن:

"آگم اي نہ انگ، جهڙو پسڻ پرين جو
سيٽن ري سيد چوي، روح نہ رچن رنگ
سهسين ٿيا سارنگ، جاني آيو جُوءِ ۾"

جي تو بيت پانيان

نبي پاڪ جي سونهن جو ذڪر ڪندي ڀٽائي فطرت جي تشبيهن ذريعي جمال جي جلوه گيري ڪي بيان ڪري ٿو:

"ڪٽي نيڻ خمار مان، جان ڪيائون نازُ نظرُ
سورج شاخون ڪيون، ڪوماٽو قمر
تارا ڪتيون تائب ٿيا، ديکيندي دلبرُ
جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سين"

چنڊ جي تمثيل سان محبوب جي سونهن ڪي پيٺ ڏيندي چوندي ٿو:

"اي چنڊ تنهنجي ذات، پاڙيان نہ پرين سين
تون اڇو منجه رات، سڄڻ نت سوجهرو"

اهڙيءَ ريت ڀٽائي هڪ روحاني واقعي جو بيان بہ ڪري ٿو جنهن ۾ پاڻ سڳورن جي تجليءَ سان رات ۾ وڃايل بيبي عائشہ رضہ ڪي سئي واپس ڏسڻ ۾ آئي:

"اي چنڊ چوانءِ سچُ، جي منيان نہ پانيين
ڪڏهن اڀري سنهڙو، ڪڏهن اڀري ڳچ
منهن ۾ ٻري مچ، پر پيشاني ناهي پرين جي"

ڀٽائي جي اکين ۾ نبي پاڪ صلي الله عليہ وسلم سيني انسانن کان افضل، سيني نبين کان بلند تر آهن:

"جکري جيهو جوان، ڏسان ڪونہ ڏيه ۾
مهڙ مڙني مرسلين، سرس سندس شان.
فڪان قاب قوسين او ادني، اي ميسر ٿيس مکان.
اي آڳي جو احسان، جنهن هادي ميڙيم هڙو"

ڀٽائي واضح ڪري ٿو تہ نبوت جو دروازو پاڻ سڳورن کان پوءِ بند ٿي ويو:

"جکرو جس ڪريو ٻيا سب انيرا
جيائين جڙئو جکرو تئائين نہ ٻيا
مٿي تنہ ماڳا، اصل هئي ايتري"

قلم جي نوڪ تي ڀٽائي جي اميد سان ڀريل دل آهي، جيڪا شفاعت لاءِ نبي پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي نگاه ڪرم جي ڳولائو آهي:

جي تو بيت پانيان

"ماڻڪ مٽ سندوم، اونداهي ۾ سوجهرو
حشر ويل حساب ۾، ڇڏي نہ ويندوم
ساري سڏ ڪندوم، ڪوهيارو ڪيچ ڌڻي"

ڀٽائي يقين سان چوي ٿو تہ روزِ محشر هادي هٿ جهلي ڪيس مغفرت جو مستحق بڻائيندو:

"رحمت العالمين، انکي آڳه ٿيندو
اتي عبداللطيف کي، هادي هٿ جهليندو"

ڀٽائيءَ جي نظر ۾ نبي پاڪ صلي الله عليہ وسلم رڳو عربن جا نہ، بلڪہ سڄي انسانيت لاءِ هدايت جو سرچشمو آهن:

"ڪي اوابين عرب ۾، ڪي ڪابل ٿيون
ڪتن ست تنين جو سڦرو، ميم جنين جي من
توڙي ڪين ڪتن، تہ بہ ڪانڌ اني جو ڪوڙيو"

انهيءَ طرح شاه لطيف جي شاعري رڳو فن جو مظاهرو ناهي، پر اها عشقِ رسول جي شاعري آهي، جيڪا پڙهندڙ جي دل ۾ ايمان جي چمڪ، عشق جي روشني ۽ روحاني اطمينان جا ڏيئا روشن ڪري ٿي. ڀٽائي جي بيتن ۾، محمدي مشڪ اچي ٿي، جا عاشقن جي دلين کي معطر ڪري ٿي.

ڪجه اهڙيون حقيقتون آهن جن ۾ شاه عبداللطيف ڀٽائي سان ڪير بہ برابر ناهي. شاه عبداللطيف ڀٽائي ۽ حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جي پاڻ ۾ هڪ جهڙايون هيون.

ڪائنات جي ڪرشماتي ترتيب ۾، ڪي هستيون اهڙيون هونديون آهن، جن جي حياتي خود هدايت جو حوالو حقيقت جو حوالو ۽ حق جو نور بڻجي ويندي آهي. انهن هستين ۾ سروري دو جهان، حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم، ۽ سنڌ جي سڳوري سچائي، شاه عبداللطيف ڀٽائي جا نالا خاص طور تي چمڪندڙ چراغ بڻجي اڀرن ٿا. جيتوڻيڪ زماني، زمين، زبان ۽ ذريعو جدا جدا، پر انهن ٻنهي جي دلن جي ڌڙڪن، فڪر جي فرهي، دردن جي ڪٿا، ۽ انساني اصلاح جي راهون هڪجهڙيون، متوازي ۽ معنوي لحاظ سان ملندڙ آهن.

حضور نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم قريش جي معزز قبيلي بنو هاشم مان هئا، جن جي حسب نسب کي عرب ۾ اعليٰ ۽ اجل حيثيت حاصل هئي. اهڙيءَ طرح شاه لطيف بہ سادات نسب مان هو سندن ڏاڏا دين دوست، علم دوست ۽ حق پرست بزرگ هئا، ناناڻا جن جي ولايت ۽ عرفان جي وراثت لڙهندي لڙهندي لطيف جي لفظن ۾ ظاهر ٿي.

نبي ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم علم جي روشنيءَ جا آفتاب هئا، جيتوڻيڪ دنياوي لحاظ کان پاڻ امي هئا، پر سندن علم، اخلاق ۽ حڪمت جا مثال نہ رڳو عرب پر ساري عالم لاءِ مشعلِ راه بڻيا. شاه ڀٽائي بہ ريتن

جي تو بيت پانيان

رسمن وارا مدرسہ نہ ڏنا، پر سندن روحاني علم، سڌيءَ سنهريءَ طريقي سان دلين تائين پهچڻ جو فن هو. اهي ٻئي هستيون ظاهر جي علم بدران باطن جي علم جا والي هئا، ۽ انهن جي هر ڳاله ۾ دلين جو در کليل ملي ٿو.

حضور صلي الله عليہ وسلم مکي جي مصيبتن کي مديني جي محبت سان مٽايو. هجرت سندن تاريخي فيصلا مان هڪ هو. شاه ڀٽائي بہ پنهنجي جنم ڀومي کوٽڙي کبير ڇڏي ڀٽ شاه جي ڀلائيءَ لاءِ سدائين آباد ٿيا. هجرت ٻنهي جي حياتيءَ ۾ فقط جغرافيائي نہ، پر روحاني رُخ جي تبديليءَ جو حوالو آهي.

پاڻ سڳورن جي مخالفن بار بار حياتيءَ تي وار ڪيو، زهر ڏيڻ، تڪليف پهچائڻ، ۽ قتل جي سازشن باوجود سندن صبر، امن، ۽ ارادي جي عظمت نہ گهٽجي. شاه لطيف کي بہ وقت جي حڪمران، نور محمد ڪلهوڙي، سندن اثر، اجتماع ۽ اصلاح جي طاقت کان ڏنل زهر ذريعي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر فيض فائقيءَ سان قدرت کي منظور نہ هو تہ حق جا ماڻهو زهرن سان زوال پذير ٿين.

پاڻ سڳورن جي گهراڻي ۾ پٽ نہ رهيو پر امت جي سندن واٽ وارن کي وارث قرار ڏنائون. شاه صاحب بہ فرمائيندو هو تہ "منهنجو اولاد منهنجا فقير آهن"، يعني سندن تعليم، سندن بيت، سندن وفا، سندن فڪر ئي سندن نسل آهن. ٻنهي هستين جي حياتيءَ جو هي فلسفو فڪر جي فلڪ تي سڀ کان روشن ستارو آهي.

زندگيءَ جو وقتي واعدو بہ عجيب نموني سان موافقت رکي ٿو. نبي پاڪ صلي الله عليہ وسلم 63 ورهين جي عمر ۾ دنيائي پردي پلٽايو. شاه ڀٽائي بہ حياتي جا 63 ورهيہ پورا ڪري، فڪر جي فلق ۾ هميشہ لاءِ امر ٿي ويو. ٻنهي جي آرامگاه پڻ سندن وفات واري جڳه تي ئي تعمير ٿي. نبي صلي الله عليہ وسلم جو روضو پاڪ مديني ۾، شاه ڀٽائي جو مقبره ڀٽ شاه ۾ جتي انهن جا دم آخر جا قدم پيا هئا.

انهن سيني مشترڪ ڳالهن کان علاوه، نبي پاڪ جي زماني ۾ عرب جو حال خونريزي، ظلم، ناانصافي، ۽ قبيلائي جهيڙن جو شڪار هو. اهڙي ئي فضا شاه صاحب جي دور جي سنڌ ۾ هئي، جتي جاگيردارن جو جبر، حاڪمن جو هيساءُ، ۽ ماڻهن جي بيچيني عام هئي. پر ٻنهي هستين ظلم جي اونداهيءَ ۾، حلم، هدايت ۽ حق جي روشني پکيڙي. نبي پاڪ قرآن سان انسانيت کي سنواريو شاه ڀٽائي بيتن سان، خدا سان وصل جي واٽ ڏيکاري.

اهوئي تہ آهي عشقِ محمدي جو اثر، جو شاه لطيف جي شاعريءَ مان بہ محمدي محبت جا نغما نڪرندا رهن ٿا، جتي "مديني" جو تصور، صرف شهر نہ پر شعور بڻجي ٿو. ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ سرمدانہ سرگم آهي، جتي محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جي عظمت کي روح جي راڳ سان ڳايو ويو آهي.

اختتاماً چئي سگهجي ٿو تہ لطيف جي لطافت ۽ محمدي محبت جو ميل، فقط فڪر جو نہ، پر فطرت جو فيصلا آهي. هڪڙيءَ هستيءَ جو نالو سرورِ ڪائنات آهي، تہ ٻيءَ هستيءَ جو لقب سرورِ سنڌ. هڪڙو بيتن جو بيان، تہ ٻيو قرآن جو ترجمان. هيءَ روحاني رشتيداري، سندن علم، عمل، اخلاق ۽ اخلاص جي هڪجهڙائيءَ جو زنده ثبوت آهي.

جي تو بيت پانيان

"شاھ ڀٽائي ۽ ترس طبيبن

شاھ عبداللطيف ڀٽائي جو ڪلام، فقط بيتن جي بندش نہ، بلڪہ روحاني راھ جي روشني، دلين جي دوا ۽ بيدارين جي بيان آھي. سندس بيتن ۾ بشارت بہ آھي، بصيرت بہ، تڪليفن جي تشريح بہ آھي، ۽ طريقي جي تحرير بہ.

"آھي گھٽوا اگھن جو ترس طبيبن،
ڪِيائون وس ويجن تان، پر ڪري ري ڪين ٿئي"

ھي بيت، بيتن جي بادشاھ لطيف سائين جي ان بلند فڪر جو عڪس آھي، جتي گناھن جي گھراين ۾ ڦاٿل انسان لاءِ نجات جي نويد آھي، پر ساڳي وقت اک کولي راھ تي ھلڻ جي تقاضا بہ.

بيت جي پھرئين سٽ ۾ "آھي گھٽوا اگھن جو ترس طبيبن"، اگھن يعني گناھن جي ڳرن گھاوَن وارن لاءِ طبيبن، يعني نبي سڳورن، اولياء الله ۽ اھلِ دل جون ڪوششون بيان ٿيون. اھو ترس، اھا تڪليف، اھا تڙپ ،جنھن ۾ محبوبِ خدا صلي الله عليہ وسلم، امت جي اصلاح لاءِ راتيون روئي گذاريون، ۽ روئڻ جو آواز "ٻڙڪندڙ ديڳڙي" وانگر ھوندو ھو.

ڀٽائي سائين جي زبان مان نڪتل "وس" لفظ، فقط لفظ نہ آھي، بلڪہ محبت سان ڀرپور مشن آھي. "ڪيائون وس ويجن تان" يعني طبيبن، نبين، ۽ عارفن پنھنجو پورو وس وسايو پورو زور لڳايو ھر حربو آزمائي ڏٺو پر...

" ڪري ري ڪين ٿئي" جڏھن دلين جا در بند، تہ دوا ڪيتري بہ اثرائتي ھجي، ڏک وڃڻ مشڪل آھي.

ھن مقام تي لطيف، لاپرواھي غفلت کي دائمي بيماري جو علاج ٻڌايو آھي ، تہ ڀلا، جيڪڏھن طبيبن جي تڪليفن جو بہ اثر نہ ٿئي، تہ پوءِ بيماري جو دارون ڪٿان ايندو؟

قرآنِ پاڪ بہ ھي حقيقت کي بيان ڪري ٿو:

"ذٰلِكَ الْكِتَابُ لَا رَيْبَ فِيهِ، هُدًى لِّلْمُتَّقِينَ"

ھي ڪتاب شڪ کان پاڪ، پر فقط انھن لاءِ ھدايت آھي، جيڪي متقي، يعني پرھيزگار آھن.

پريزگاري، پڪاري تي ڪوڪي تي عملن کي، پچي تي پنھجن مان پرخلوص ھجڻ جي پڪ کي.

نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم فرمايو:

"جنھن شخص کي اھو پرواھ نہ رھي تہ سندس روزي ڪٿان اچي پئي، تہ پوءِ الله کي بہ سندس پرواھ ناھي تہ ھو دوزخ جي ڪھڙي در تان داخل ٿيندو."

ھي حديث، تقويٰ جي تعريف بہ آھي ۽ بي پرواھي جي تباھي بہ.

حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي قصي ۾، پرھيزگاري جو انتھائي اعليٰ مثال آھي.

جڏھن ڪين سخت بک ۾ ھڪ گرھ کاڌو ۽ پوءِ معلوم ٿيو تہ اھو کاڌو ڪنھن اھڙي شخص جو ھو جنھن ڪفر جي حالت ۾ ڪمايو ھو تہ اُن گرھ کي الٽي ڪري واپس ڪيڏي ڇڏيائون، ۽ فرمايو:

"جيڪڏھن منھنجي جان بہ ھن گرھ سان نڪري وڃي ھا، تہ بہ مان ھن کي ڪيڏي ڇڏيان ھا، ڇو تہ رسول خدا فرمايو آھي تہ جنھن جو جسم حرام سان پلجي ٿو ان جو ٺڪاڻو جھنم آھي."

اھا پرھيز صرف پيٽ لاءِ نہ، بلڪہ پوري پاڪائي، پرک، ۽ پار پڇاڻن لاءِ ھئي.

جي تو بيت پانيان

اج جي انسان لاءِ هي بيت، هڪ بيداري جو بگل آهي، تہ طبيب اجا بہ ترس ۾ آهن، دوا موجود آهي، پرهيز جي ضرورت آهي، پڇتائڻ کان اڳ پنڌ سڌو ڪرڻ جي ضرورت آهي.

پٽائي جي بيت جي ٻُڪ، حديثن جي حقيقت سان ملي ڪري، هڪ اهڙو اخلاقي ۽ روحاني نقشو پيش ڪري ٿي، جنهن تي هلڻ سان ئي نجات جو رستو روشن ٿئي ٿو.

بيت، بشر، بيان، بقا، سڀ تڏهن ئي ملي سگهن ٿا، جڏهن پرهيزگاري، پرچار کان اڳ ان جو اثر پاڻ تي پوي. پيغام اهو ئي آهي تہ:

جي طبيبن جي ترس سان بہ نٿي بدلجي تہ پوءِ ڪهڙي
رهنمائي ،فڪر هن کي بچائيندي

"آهي گهڻو اگهن جو ترس طبيبن،
ڪِيائون وس ويجن تان، پر ڪري ري ڪين ٿئي "

اهو بيت، فقط بحر ۽ بند نہ، پر بيداري، بصيرت، بُرائيءَ کان بچاءَ جو سچاڳي جو پيغام آهي. لطيف سائين جي بيتن ۾ بيمارين جي باريڪ بيان آهي، پر ان کان بہ وڌيڪ علاج جي اشاري سان ڀريو پيو آهي.

هن بيت جي بنياد تي، اسان جي اڄوڪي بگڙيل بُنياد تي اک وجهون تہ اندازو ٿيندو تہ معاشرو مادي محبت، مفادن جي مجبوري، ۽ حرص جي حاوي هجڻ ڪري هدايت جي حرارت وڃائي ويٺو آهي.

دڪاندار دڪان نہ، پر دغا جو ڏيکاءُ بڻجي ويو آهي. تول ۾ کوٽ، ماپ ۾ ملاوت، مال ۾ چالاڪي. ائين ٿو لڳي جڻ ايمانداري، ايمان جي تاريخ ٿي وئي آهي.

ملازم، محنت جي معني وساري، وقت جي وڪري کي وظيفي جي واڌو سمجهي، ڪم کي ڪوتاهيءَ جي ڪوري ۾ لٽڪائي ڇڏيو آهي.
آفيسر، ايمانداريءَ جي عزت نہ، رشوت جي ريت کي رواج ڏنو آهي.

ڊاڪٽر، بيمار جو درد وساري، ڊالرن جي ڌن تي ڌيان ڏئي، اسپتال کي سوداگرن جي بازار بڻائي ڇڏيو آهي.
ماستر، تعليم جو تاج ڇڏيندي، شاگردن جي قيمتي وقت کي بي فائدو بڻائي ڇڏيو آهي.

۽ قوم جو ڪاروبار؟
جڏهن هڪ ملڪ جو ڪاروباري نظام وياج تي ٻڌل هجي، تہ پوءِ ان نظام جي نجات جو نسخو ڪٿي ملندو؟

رسول الله ﷺ جو فرمان آهي:
"وياج کائڻ وارن سان الله ۽ سندس رسول جي جنگ آهي. "

جي تو بيت پانيان

سوچڻ جي ڳاله آهي، جڏهن معاشرو ئي وياج سان مليو پيو آهي، تہ ڇا الله جي عتاب کان بچي سگهبو؟

ڪو مولوي، ڪو مفتي، جيڪڏهن چوندو تہ مان بچيل آهيان، تہ سوال اٿجي ٿو. ڇا اوهان واپار کان، واڏو وياج جي واءَ کان تہ بچيل آهيو پر جيڪي ڪپڙا، کاڌو ۽ زندگي جا وسيلا انهن هٿن مان حاصل ڪيا آهن، جتي وياج جي وڻن جا پاڇا آهن، تہ پوءِ اسان اوهان جي نماز ۾ ڪامل نور هوندو؟

نبي سڳورا ﷺ فرمايو:

"اهڙو وقت ايندو، جو ڪو بہ وياج کان بچي نہ سگهندو، جيڪڏهن ڪو بچي بہ ويو تہ ان کي دونهن ضرور لڳندو."

اهو دونهون اڄ اسان جي دلين ۾، روزيءَ ۾، رشتيءَ ۾، رويي ۾ رچي چڪو آهي.

شاهہ پٺائي جي بيت جي ٻُک ۾ اڄ بہ بيداريءَ جو ٻج آهي.

بيت پانئيندڙ اهو محسوس ڪري ٿو تہ هي بيت هر زماني، هر ماڻهو هر مرض تي لاڳو ٿئي ٿو.

اڄ جو دور، بيت جي ٻاهہ سان بہ وسائي سگهجي ٿو.

اڄ طبيب اجا بہ ترسي رهيا آهن، پر جيڪڏهن مريض پنهنجي مرض تي فخر ڪري، تہ پوءِ فلاح جا در بند ٿي وڃن ٿا.

پرهيزگاري، تقويٰ، طهارت، ۽ توڪل، اهي ئي طريقا آهن، جن سان بيمار معاشرو شفا حاصل ڪري سگهي ٿو.

شاهہ پٺائي اسان کي نہ رڳو بيماري ٻڌائي ٿو پر دوا بہ ڏيکاري ٿو.

اسان کي گهرجي تہ:

دڪاندار ديانت ڏيکاري

آفيسر ايمانداري اختيار ڪري

ماستر تعليم کي عبادت سمجهي

تاجر وياج کي فطرت سان ويڙهہ سمجهي

هر فرد، پنهنجي جاءِ تي احتساب، اصلاح، ۽ ايمان سان جيئڻ جو عزم ڪري

تہ پوءِ اهو معاشرو، تباهيءَ کان تبديلي تائين جو سفر طي ڪري سگهي ٿو.

شاهہ سائين جو بيت، اسان لاءِ چراغ بہ آهي، چتن بہ.

جي طبيبن جي ترس تي نہ هلنداسين، تہ پوءِ پنهنجو ڏک پاڻ برداشت ڪرڻو پوندو.

بيت جي روشنيءَ ۾، تقويٰ جي روش اختيار ڪريون، تہ ئي دنيا ۽ آخرت جي سوڀ حاصل ڪري سگهبي.